# سندري اتمچنداڻي

## جون

# ڪهاڻيون

پهرين ڊجيٽل ايڊيشن


**Sindhi Digital Books**

Conceived, designed and published by

**Abdul-Majid Bhurgri**

majidbhurgri@yahoo.com

www.sindhicomputing.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| سَرَءُ جِي مُند | 3 |
| الگ راهُون | 36 |
| سواگت | 46 |
| رُج جو درياه | 53 |
| مُرڪ تي منع | 72 |

# سَرَءُ جي منڊ

تڏهن هي سڀ هوئي ڪين، هيڏو هال اڌ پٽ تائين گولائيءَ ۾ نهيل صوفا، ڏائي پاسي اٺن ڪرسين سان ڊائيننگ ٽيبل، ڇت ۾ به جهاز ۽ انهن جي وچ ۾ هيڏو وڏو پکو. ائين ته ڏائي پاسي واريءَ پٽ ۾ هڪ ائرڪنڊيشن به هٽائي ڇڏيو اٿم. مٿس فارميڪا جي پٽين وارو طاق ائين لڳو آهي جڻ ڏائي پاسي واريءَ پٽ جي ڪبٽن مان هڪ ڪبٽ آهي... پر اهو وقت ٻي هيو هو، جڏهن سنڌ مان لڏي آيا هئاسين.

گهر به هي ڪين هو، تڏهن، ننڍڙي ٻئرڪ هئي. مون ٻاهر پئي ساهڙين سان راند ڪئي. سيپاڳچند اسان جي گهر جي دڪيءَ تي پير رکيو ته مان به سندس هٿ ۾ هٿ ڏئي راند ڇڏي وڃڻ لڳس. سهميل مانيٽي لهجي ۾ سيپاڳچند چيو، ”ڪيئن آهين سوني؟“

مون ڪنڌ مٿي ڪري ڏانهنس نهاريو، هو چپ چاپ مرڪي رهيو هو. ذرا پٺيان منهن ورايم، ساهيڙيون راند ڦٽي ڪري وڃي ڇڪيون هيون. منهن اونداهي ته هوئن ئي ٿي وئي هئي. مون وري دڪيءَ تي پير هيٺ پير مٿي ڪيل سيپاڳچند ڏي ڏٺو. ائين پئي لڳو ته سندس مرڪ جڻ پٿر جي مورتيءَ ۾ هميشه لاءِ اڪرجي وئي آهي.

”ڪيئن سوني... اڄ مان وڏيڪ سنو ٿو لڳان نه؟“ اوهم، هاٺي وجي منهنجي نظر سندس ڪپڙن تي پئي. نئون سبايل گري رنگ جو چوڙيدار پاجامو ۽ ڪرتو پائي آيو هو سيپاڳچند.

سندس هٿ ڦٿو ڪري، مون وات تي هٿ رکي وٺي ٺهڪ ڏنا، ”وائو، توهين ته اڄ ننڍا ٿي پيا آهيو، بلڪل چوڏهن سالن جا... نه، توهين چوڏهن جا نه. چوڏهون ته منهنجو شروع ٿيو آهي. توهين پنڌ رهن جا ٿا لڳو.“

”ته مان آهيان نه پسند.“ سياڳچند مون کي ڳراٽڙي ڪٽي پاتي.

ان مهل مون کي چا ٿيو، مان اڄ به چئي نٿي سگهان. مٿي ۾ گهمراٽي، چاتيءَ ۾ دڪ دڪ، فقط اهي به ڳالهيون ياد آهن. منهنجي ماءُ اچي دروازو کوليو، تيستائين سياڳچند مون کي ڳراٽڙي پائي هٿ هٽائي ڇڏيو هو. منهنجي ماءُ سياڳچند جي اندر گهڙنديئي، هٿ سان ڪٺ جي نوهار مٿان پيل ڪچري کي صفا ڪيو ۽ کيس وهڻ لاءِ چئي، پر ۾ بيهي رهي. مٿي تي رئو اجا به هينئرو کسڪائي چيائين، ”اڄ ڪڪيءَ کي پلي وٺي وڃو شيوا تي، سياڻي ڪان وٺي ڪانه هلي سگهندي.“

سياڳچند جو منهن ننڍو ٿيندو ڏسي، منهنجي ماءُ چيو، ”بي ڪائي ڳالهه ڪانهي، سونا جي اڄ پڪ ٿا ڏيون.“

”چوڪرو پنهنجي آس پاس جو آهي؟“

”نه ڪنيءَ ڪان دروءَ جن جو مامو آيو آهي. پريو پڪليو گهر آهي، زال کي گذرئي اجا ڇهه مهينا ٿيا اٿس.“

”ٻار؟“

”ٻه آهن، پر ڏاڏي، ناني ويٺيون اٿن سنڀالڻ واريون.“

”پر عمر ٻه هوندي... ڪم چڱو ته نه ٿيو.“

”توهان کي ته خبر آهي اسان جي ڪنيءَ جي. وڏيون ته چئن ڇئن ٻارن تي ڏنيون اٿم. ويچارن ورتي مون کان ڪوڙي پائي ٻه ڪين...“ ڏکهو ساهه کنيو امي.

”ته... پلي اڄ ڪئمپ ۾ ڪير ورهائي اچون؟“

”ها، ٻاٽليون سويل رکي وئي آهي ڪير واري.“

اسين ڪير جون ٻاٽليون کڻائي ڪئمپ جي وڌوائن واري ٽڪر ۾ آياسين. هڪ هڪ گهر ۾ هڪ هڪ ٻاٽلي ڏئي رهيا هئاسين، جو مون پڇيو، ”پاري دادي ڇو ڪانه آئي؟“

ٿورو منجهي سپاڳچند چيو، ”ڇوي ٿي اڄ کان وٺي نه ايندي.“

ڪير ڏئي موٽي رهيا هئاسين ته سپاڳچند پڇيو، ”ته تون برابر ٻڌي سان شادي ڪري ويندينءَ؟“

ٻڌو اکر نئون هو. پيو سپ ته مميءَ ٻه چيو هو، دک دک ٿيڻ لڳي ڇاتيءَ ۾، ’ٻڌو ٻڌو ٻڌو.‘ منهنجو پيءُ اچي اکين اڳيان بيٺو. ’اڇا وار، اڇيون مڇون، منهن ۾ گهنج...‘

وڌوائن واري ڪئمپ کان موٽياسين پئي ته ڇند رو ماما اسان ٻنهي کي سڏ ڪيو. دڪان اڳيان مهل کوليائين ويٺي. هڪ تهه ٿيل ڪپڙو اڳيان وڌائي چيائين، ”سوني ڏيءَ، هيءُ ٽڪر کڻي وڃ، فراڪ سبائي پائج.“

”چو ماما؟“

”نياڻيءَ کي ڪجهه ڏبو ته برڪت پوندي.“

”وٺ چوري وٺ.“ سپاڳچند ڪلندي منهنجي چوٽي پٽي چيو، ”ماما ٿو ڏيئي. نئون فراڪ ٿو مليئي.“

مون ڪپڙو جيءَ سان جڙيي وٺي گهر ڏانهن ڊڪ پاتي، اميءَ جي نظر گهٽ هئي. نوهار جي ڪٽ جي ڪنڌ تي ويٺي مالها ڦيريائين. مون ڪپڙو گوٿڙيءَ ۾ وجهي رکيو.

ماءُ چيو، ”روٽي ناهي اٿم. پٽ گهر کي چوئنڪو ڏئي، سگهيرڙو ڪائي وٺ، مهمان ايندا ته ٿول ڊِنگ به توکي ئي وٺي اچڻو پوندو. چورا ته ٽيئي وڙهي ويا آهن، سي الاجي ڪيڏي مهل اچن...“

بابا پريان هڪ پراڻيءَ آرام ڪرسيءَ ۾ ڪڙو ٿيندي کنگهڪار ڪئي.

’ٻڊو ٻڊو ٻڊو.‘ اندر ۾ انهيءَ هڪ لفظ مانڊاڻي ڪٽي وڌي.

مون چوئنڪو ڏنو، ماني ڪاڌي. ڪڙي وارا ڦوٽڙي ڪنئين ۽ گم ٿي ويس. شام گذري، رات گذري مان نه موٽيس. ٻئي ڏينهن منجهند جو جڏهن گهر موٽيس، تڏهن اکيون ڦاٽي ويون سيني جون! گهر سڄو پوليس چونڪي ٻڌجي پيو هو.

”ڪيڏانهن وئي هئينءَ چوري؟“ ماءُ چوٽي پٽي.

”ڪهڙو ڪارو منهن ڪرڻ وئي هئينءَ؟“ وڏيءَ ڀيڻ ٿڦڙ هنيو.

”وڃائڻ نه سڄي گهر جي پت؟ ڪهڙو منهن کڻي ڪئمپ ۾ جيئنداسين؟“ ٻيءَ پيڻ رڙ ڪئي.

پاءُ اکيون ڦوٽاري اڳيان بيهي ڏڪايو، ”اڙي ڳالهه ڪر نه ڪهڙي بدمعاش سان پڳي هئينءَ؟“

ٻئي پاءُ آهستي چيو، ”سپاڳچند سوشل ورڪر ته سڄو وقت ڪئمپ ۾ ئي هو.“

هاڻي منهنجو به پارو چڙهي ويو. هٿ واري ڦونڙي اڇلي کٽ تي وڃي اوندي منهن سمهيس. چيم ”نٺي ٻڌايان، نٺي ٻڌايان.“ ۽ رڙيون ڪري رئڻ لڳس.

سڀ پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا ته ڇوڪريءَ کي جيڪي ڏسڻ آيا سي ته ويا هليا، پر پاڙي ۾ ته اها خبر باهه وانگر پڄرائي ويا آهن ته ڇوڪري شايد قتل آهي. هاڻي سڄي ڪيئن ڪرائجيس... مار ڏجيس...

ان وچ ۾ بابو ڏيري ڏير پينهنجي پراڻيءَ آرام ڪرسيءَ مان اٿي، منهنجي پر ۾ اچي کٽ جي ايس تي ويٺو. منهنجي مٿي تي هٿ گهمائي چيائين، ”پٽ ڳالهه ڪر نه، رات ڪٿي ٽڪي هئينءَ؟ ڪاڏو رکي ڇڏيو هوسين تولاءِ.“

”ڪاڏو؟... بک ته ڏاڍي لڳي...“

بابي مون کي آرستو اٿاري، هلي رڌڻي ۾ ماني کارائي. سپني ماٺ ڪئي ڪئي. پر نگاهه قيديءَ تي هئڻ. مان رڌڻي مان ٻاهر آيس ته سوالن جي ٻي بوڇاڙ

شروع ٿي وئي. ”هيءُ ڦونڙيءَ وارو ڪپڙو ڪنهن ڏنو توکي؟ چو ورتئه؟... ڪنهن کان ورتئه؟ ٻڌي نه ٿي مئينءَ..“

هينئر ته وايو منڊل هڪ زهر ڪشيل ڪمان ٻڻجي پيو. اوچتو منهنجي ساهيڙي چندري اچي اسان وٽ پهتي. وڏيءَ پيڻ يڪدم سوال ڪيو، ”چو آئي آهين تون، چندري؟“

چندري سهمجي ويئي. آهستي چيائين، ”دادا سپاڳچند مڪو آهي.“

مون سندس فراڪ کي هٿ لائي چيو، ”توکي ڪنهن ڏنو هيءُ فراڪ؟“

”چندرو ماما“

”مون کي به ڏنو اٿس. تو ڪنهن کان سبايو.“

چوڄ مان مون کي ٺونٺ وٽ ٻڻانهن وجهي چندريءَ چيو، ”منهنجي پيڻ، توکي به سڀ ڏيندي. چندرو ماما چيو، اٽن نياڻين کي فراڪ ڏيندس.“

”هان“، مون سپني جيلرن ڏي نهاريو. سندس اکين ۾ تارا ڦري گهري رهيا هئا.

”مگر رات سڄي ڪيڏانهن وئينءَ؟“ وڏي پيڻ رڙ ڪئي.

”ماسي پيان وٽ.“ ڏپ ۾ چڻ گولي چٽي مون کان.

”لڪ لعنت هجيئي“ وڏيءَ پيڻ پوندو گهروڙيو منهنجي منهن ۾. پر ڪمان جي زهر بلڪل ڍري ٿي وئي. پوءِ به ماءُ مٿي تي به ڏڪ هٽي چيو، ”پر چندبيءَ کان پڇيو ته سهين پڳينءَ چو؟“

مان ”ٻيڙو ماٺو“... چئي ڍڪ پائي گهر کان ٻاهر نڪري ويس. رستي ۾ فراڪ جو ڪپڙو ياد آيو ته ڍڪندي وري اندر ويس ۽ ڦونڙي کڻي ڍڪندي ٻاهر نڪري آيس. هڪ سٽ لڪ جي جهونڪي وانگر ڪنن ۾ پئينم جا ان مهل ڪا پاڙيواري اميءَ کي چئي رهي هئي، ”مان ته اهڙيءَ ڇوڪريءَ جي چمڙي چيري ڳاڙها مرچ ۽ لوڻ ٻرڪي ماريانس.“

مون ڍڪندي اچي سپاڳچند جي گهر دنگ ڪيو. سندس زال پاروتيءَ مون کي ڳراٽڙي پائي سمجهايو. ”متان ڪرين ٻيدي سان شادي. هاءِ ڪانه پئي آهي، اهڙا گهٽيئي جوان ڇوڪرا پيا آهن. کٽي ٿورو ڪمائيندا هوندا. توکي دادهن ڪنهن کان دان ۾ مشين وٺي ڏيندو.“

”ها ها چو نه وٺي ڏبي، اڙي اسان جي سونو ڪا...“

چندريءَ چيو، ”مان وجان ٿي.“

مون چيو، ”مان به توسان ٿي هلان.“

چندريءَ جي پيڻ فراڪ چا سبي ڏنو، منهنجي زندگيءَ جي گاڏيءَ کي ڦيٿا هڻي چڙهيائين. پڪو پرن ڪري چڙهڻ ته سلائيءَ واري ٻڌجنديس. سپاڳچند جي مدد سان مشين اچي وئي. هاڻي مٿ ڪوسي هئي. اهو ڏينهن به آيو، جڏهن پيترن ڏنو ماءُ پيءُ کي مان پئي پاليان. چپ سبي چڙهيائيون. پائرن کي گولين ۽ ٻالن لاءِ مون وٽان پئسا مليا ته مون کان نندا اگهيئي هئا، هاڻ وڏيڪ نندا ٿي ويا.

دادا سپاڳچند آزاديءَ سان گهر ۾ ايندو هو، مون کي وٺي ويندو هو، ڪير ورهائڻ بند ٿيو ته سپاڳچند جاين جي دلاليءَ کي لڳي ويو.

مون چيو، ”مون کي ٻه جاءِ کپي، مان پئسا جمع ڪندي ويندس، توهان وٽ.“

”پهرين هل شهر ۾ جايون ڏس ته سهي. ڏسون ڪهڙي جاءِ پسند ٿي ڪري سونو.“

شهر... جايون... اڏ نهيل... سڄيون نهيل... مينهوڳي جاين جي کنڊرن ۾ هيٺ مٿي، سپاڳچند جي ٻانهن پڪڙي هلڻ... برسات جون پهريون بوندون... هيج پري کل...

”تون ته کلين ئي کلين پئي، ڪڏهن مون تي ٻه نظر وئي اٿيئي؟“

مون کل روڪي سپاڳچند ڏي نهاريو. ٻنهي هٿن ۾ سندس منهن پڪڙي چيم، ”چه چه، دادا ڪيڏو منهن لٿل آهي توهان جو.“

سپاڳچند يڪدم ڪٽي مون کي پاڪر پاتو. من کي الاجي ڇو وري ڌڪ ڌڪ ٿيڻ لڳي. ڏاڍو نندو منهن ڪري چيائين، ”توکي ڪهڙي خبر سپاڳ جو ڀاڳ بلڪل بدلجي ويو آهي.“

مون چيو، ”ڪيئن. ڇو؟“

چيائين، ”پاروتيءَ مون کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي.“

”مطلب؟ مطلب هاڻي ڪپڙا ڪونہ ڌوئي ڏيندي.“

”روٽي بہ نہ ٺاهي ڏيندي؟“

”نہ، ڪجهہ نہ ڪندي منهنجي لاءِ.“

”نہ ڪري تہ نہ ڪري، مان ڪري ڏيندي سانو.“ مون وري سپاڳ دادا جو منهن پڪڙيو. هن بہ مون کي پاڪر پائي منهن ڪٽي منهنجي چاتيءَ ۾ هنيو.

خبر ناهي ان مهل ڪيئن ڪائي سکي هئي، جا اندر ۾ چوڻ لڳي: ’پرائي مرد کان پاڪر نہ پارائبو آهي.‘

ضدي تہ مان آهيان ئي. انهي اندر جي آواز کي ڪٽي آ ڱوٺو ڏيکاريم. سپاڳ دادا مون کي هڪ ٻانهن سان پاڪر ۾ پري ڪلي چيو، ”هي چا پئي ڪرين منهنجي ننڍڙي گڏي؟ ڪنهن کي پئي چيڙائين؟“

هن پيري مون پاڻ چڏايو، ”ائين نہ ڪبو آهي دادا!“

مگر اهو ’ائين نہ ڪبو آهي‘ ايترو ڍلو هو جو سپاڳچند وري وري مون کي پاڪر ٽي پاتو.

مان هاڻي سندس گهر ۾ ڪيس ڪپڙا استري ڪري ڏيندي هيس. پهرين پاروتيءَ جا بہ ڪندي هيس. پاروتي نوڪريءَ تي هلي ويندي هئي تہ ان مهل گهر جي راڻي مان هئس ۽ راجا سپاڳچند.

پاڙي ۾ ڪانا ڦوسي ٿيڻ لڳي، ته سونا سپاڳچند کي ڦاسايو آهي، پر جن جو مون سان چڳو ئي ڏيٺ ويٺ جو رستو هو، تن هميشه ائين ئي چيو ته، ”سپاڳچند جا به عجب چٽباءِ جو هيٺري ننڍڙي چوڪريءَ تي اهڙو ڪٽي جادو ڦيريو اٿس، جو سڄو ڏينهن چيلي وانگر پنيان لڳي پئي ڦرِيس.“

مان پنهنجي ضدي طبيعت سبب هي سڀ ٻڌي اجا به وڌيڪ سپاڳ دادا سان گهمڻ لڳيس. هيترو ٻاهر نڪرڻ لاءِ سنا ڪپڙا ضروري هئا. مشين ته مون وٽ هئي. سلائي به جهڙي تهڙي آئي ٿي. انڪري سنجهي مان گهر ايندئي مشين ڪڍي پاڙي اوڙي وارن جا ڪپڙا سبي وٺندي هئس.

صبح جو سويل شيوا جي ٻهاني سپاڳچند سان نڪري ويندي هيس.

جيڪي ڏينهن سپاڳ دادا ڪنهن ضروري ڪم تي هليو ويندو هو.

انهن ڏينهن تي مان ڪپڙا سبندي هئس. گهر ۾ ڪن وقتن تي چانور اٽو به نه هوندو هو، تڏهن امي نماڻائيءَ سان پڇندي هئي، ”ڪجهه ڏئي ويون اٿئي اهي ڪپڙا سبائڻ وارين؟ ڏاڍو خون سڪايو اٿن تنهنجو.“

”خون ٿيون سڪائين ته ڏئي به سنو ٿيون وڃن نه.“

”ڏسان ته ڇا ڏنو اٿن ؟“

تڏهن نوٽن جي ٿهي ڪڍي ڏيکاريندي هئس ماءُ کي ته چوندي هئي. ”اڄ پٺين کي دڪان تي ڪونه مڪم. رات سڄي ٽونڪار پئي هليس. ننڍ ئي

ڪانھ ڪئي اٿائين. پاڻھين کي چوان ٿي، وچي ھنن رپين مان ڪٽڪ ۽ چانور ڪٽائي اچي سيڏي واري ڪان.“

مان چپ چاپ پئسا ڪڍي ماءُ جي ترڻيءَ تي رکندي ھئس ۽ وري سبڻ کي لڳي ويندي ھئس.

ھڪ ڏينھن ٻڌم، وڏي ڀيڻ امان کي چئي رھي ھئي، ”تون بہ حد آھين، ڇوڪريءَ کي ڪجھہ ميڙڻ تہ ڏي تہ ڪنھن چڱي گھر ۾ شادي ڪرائي ڇڏجيس. اجائي بدنامي وڌندي ٿي وڃي. سپاڳچند توھان کي گرو ٿو لڳي، پر جيڪو اسين وينا ساھري گھر ٻڌون، سو توھين پاڙي ۾ رھندي بہ نٿا ٻڌو شايد.“

ھي سڀ ٻڌڻ مھل مون ننڊ جو ٻھانو ڪيو ھو ۽ ائين ئي پيئي رھيس. ليڪن اندر ئي اندر مون کي لڳو مان ھڪ وڏي جنگ جي ميدان ۾ بيٺي ھئس. رپين جو لشڪر ڪنو ڪري رھي ھئس، جنھن کي وٺي غريبيءَ جو قلعو ٽوڙي اندر داخل ٿيڻو ھو، جتي ڪوئي جوان شھزادو منھنجي سپنن جو راجا قيد ھو. مان ڪيس ڏيتي ليتي وٺڻ سان مفت جو مال ھٿ ڪرڻ جي زنجيرن کان آزاد ڪري ساڻس شادي ڪنديس.

مگر ٿيو چا... اھي اڏ نھيل جايون، جن جي ڇت تي ڪو پکي پکڻ بہ ڪين ھوندو ھو، فقط سپاڳچند جي شاعراڻي ٻوليءَ سان سھائيءَ جي سنھيءَ چادر ۾ ويڙھجي ويندا ھئا. اسان جا سرير ھوا جي جھونڪن ۾ ساونڻ رت جھڙا گُل سان سينگاريل جھولا نظر ايندا ھئا. ڪنھن پکي پکڻ جي ھلڪي

آواز تي به مان چرڪ پري سپاڳچند سان چنبڙي پوندي هئس ۽ ائين اسان ملهايو هني مون! اڌ جڙيل مڪانن ۾ منهنجي چوڏهن، پنڌرهن، سورهن ورهين تائين زندگي، تڏهن منهنجي ناري سرير اندر سرجنا جو احساس ٿيو. مان سمجهي ويس ناريءَ کي ڌرتي ماتا جو روپ چو سمجهيو ويندو آهي. پر اهو سڀ بڌڻ سان سپاڳچند جو منهن لهي ويو، ”چيائين انهيءَ سوال کي به ڏسڻو آهي ۽ هي پيو ڪم نڪتو آهي. اسپتال ۾ نرسن جي ڏاڍي کوٽ آهي، منهنجي هڪ دوست تو لاءِ وڏي پگهار تي نوڪري ڏيڻ جو انجام ڪيو آهي.“ سپاڳچند جي وهنوار ۾ ان مهل ايتري نماڻائي هئي، جو مون هڪدم ها ڪري ڇڏي. اڄ سوچيان پئي جنهن سپاڳچند ور ور ڪري مون کي چيو هوندو ته مون کي سماج جو ذرو به ڊپ ڪونهي، اهو ان مهل ايڏو ڊنل هو، جو ان مهل مان نرس جي نوڪريءَ لاءِ اگر ها نه ڪريان ها ته شايد منهنجي پيرن تي ڪري پوي ها.

خير، نرس جي نوڪري ته هڪ بهانو هو. ڊاڪٽر سپاڳچند جو دوست هو. مون کي چيائين، ”نرسن جي پهرين ڪجهه تپاس ڪبي آهي“، ۽ مون کي ليٽائي بيهوشيءَ جي دوا سنگهائي ڇڏيائين.

ان ڏينهن شام تائين نرس جي ڊيوٽي ڏيڻ بدران مان خود ئي نيم بيهوشيءَ ۾ اسپتال ۾ پئي هئس. هي سڀ ڇا هو؟ ڇا لاءِ هو؟ اهو به اڄ ٿي سمجهان، ڇو ته هفتي کن اندر ئي مون کي چيو ويو، هاڻي اسپتال ۾ نرسن جي کوٽ ڪانهي، تون پلي سلائي ڪري پنهنجي آجيوڪا ڪيندي ڪر.

سپاڳچند پري پري هلي مسواڙ تي هڪ گهر ورتو هو. هاڻ هو ڄاڻن جي دلاليءَ مان چڱو ڪمائڻ لڳو هو. پاروتيءَ کي پنهنجي ٻن ٻارن سوڌو گهر ۾ ڇڏي سپاڳچند پنهنجي نئين گهر ۾ مون سان گڏ رهڻ لڳو. مان رات جو هميشه ماءُ وٽ هلي ويندي هيس. پهرين نه پيترن ڏاڍا پنڻ ڪيا. پر جڏهن ڏٺائون مان روزانو امان کي، ننڍن ٻارن، ننڍي ڀيڻ جي پالنا لاءِ خرچ ڏيڻ لڳي آهيان، تڏهن چپ ٿي ويون. ڪڏهن ڪڏهن تڏهن به ٽڪات نڪرندا هئا. جڻ لال لوئي نه سڄي رات جلي پوري ٿي هئي، پر ڪٿي ڪا ڪاٽي ٿاندو ٻڄي رک ۾ ڍڪي پئي هئي، جا واءُ لڳڻ سان رک اڏامڻ تي چمڪاٽ ڪري چئي ٿي وئي، ’سونا سڄي ڪين سڙي رک ٿي آهي، سندس جيءُ اجا به جر ورتو آهي!‘

نئين گهر ۾ سپاڳچند کي رڌي پچائي ڪارائڻ پيارڻ ۾ مون پاڻ هڪ گهر گرهٽيءَ جي روپ ۾ قبول ڪري ورتو. پر وري هي ڇا ٿيو منهنجي اندر!... سڄي جان جنگ جو ميدان ٻڄي ٿي وئي، جتي لڻيل ڦريل جهانسيءَ جي راڻي ٻاڪاري ٿي اٿي، ’اڙي غدارو! منهنجي سوپ جي ريين جو لشڪر، جن جن پنهنجين ٿجوڙين ۾ بند ڪري رکيو آهي، تن تي شل دوزخ جي باھ وسندي. منهنجي ڌرتيءَ جو شهزادو اجا به ڏيتي ليتيءَ جي لالچي ڪوٽ اندر قيد آهي. ۽ مان آهيان جا غلاميءَ جون زنجيرون، غريبيءَ جا پيڪر توڙي نٿي سگهان...!‘

خبر ناهي ڪيئن منهنجي اندر جي بي آراميءَ جي ڄاڻ سپاڳچند کي معلوم ٿي وئي. هن هڪ ڏينهن مون کي ڏاڍو ڌمڪايو، ”ڇاهي اهو سڀ؟ ڇاجي بي آرامي؟ ڇا لئه هيڏو رودن مچايو اٿئي..؟.. مون توتي ڪو ٻنڌن

ڪين وڏو آهي. توکي هر طرح سکي رکيو اٿم. ڪهڙي گهر جي ڇوڪري آهين... ياد ڪر اڄ تنهنجي ڪيٽ ۾ ڪيڏا وڳا ٿا لٽڪن؟ مٽيا به گهٽ ڪونه اٿئي. تون پائين نه ٿي، اهو ٻيو سوال آهي. باقي سونا چوڙا، منڊيون، سونا والا هرڪا چيز نه ٿي وئي آهي تنهنجي. تنهنجي پيرن کي ڇا مليو آهي؟ ٻيا مڙس، ماٽيجو اولاد، ڪٿي هڪ به سڳو به اٿن، پوءِ ڇا؟ پونگڙا نه ڪتن ٻلين کي به آهن..."

روڊن ڪٿان اچي ٻوڏ جي چڙهائي شروع ڪئي مون وٽ! رڙي چيم، "سياڳچند مان خود به نه ٿي سمجهي سگهان، مون کي ڪهڙو ڏک آهي.."

"شڪ جي باهه ۾ سڙندي هوندينءَ، سمجهندين هوندينءَ نه مان پاروتيءَ وٽ ويندو هوندس، جو ٻارن جي پرورش کي پنهنجو فرض سمجهي ڪجهه ڪين ڏيان وينو..."

جڏهن منهنجي هٿ جا ڪبوتر اڏامي ويا، مون کي نه خبر به ڪين هئي نه سياڳچند ٻارن جي پڙهائي لاءِ زال کي مدد ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. هاڻي شڪ جاڳيو نه ڪڏهن ڪڏهن سياڳچند مون کي خالي گهڙي وانگر ڇو لڳندو آهي. ٻارن جو فرض آهي نه زال لاءِ نه انهن کان وڏو فرض آهي. پر مان اڃا ڪجهه چوان ئي چوان سياڳچند رڙ ڪري چيو، "سوچ، ڪيڏيون ڳالهيون ٻڌندي به توسان نڀايو اٿم، توسان ناتي کان پوءِ پاروتي ڏي ڪڏهن اک کڻي به نه نهاريو اٿم ۽ تون آهين جا مون کي بلا وانگر پئي وئي آهين..."

خبر ناهي ڇا ڪجهه هو هن جهڳڙي جي اندر. مون ماءُ جي گهر پهچي، پاڻ سان انجام ڪري ڇڏيو ته وري هن در تي نه ايندس.

مون چيو، ’بلا وانگر پي وئي آهين سياڳچند کي؟ پر مک کولي ڏس! پياسو خشڪ چپن وارو هي تنهجوئي ته مک آهي جو امرت لاءِ واجهائي رهيو آهي. پياس رودن پري ڇڏيو آهي تنهجي هانو ۾....‘

تڏهن سر جي موسم اچا ڪين شروع ٿي هئي. منهنجي سرير جي ڌرتيءَ تي بهار جي مند، گل ڦل باغ بهارون لايو بيني هئي. ٿيهن ڪان مٿي هوندي منهنجي عمر، جڏهن ليلان داديءَ جو پاءُ رمو، هڪ هٿ ۾ ڪجهه ڪپڙا مون وٽ ڇڏي وڃڻ لڳو.

”اڙي پائي هيڏانهن هيڏانهن، ڪجهه سمجهاءِ ته سهي ڪهڙي ڪهڙي ڪپڙي مان ڇا ڇا سبڻو آهي.“

رمو منهنجي سامهون مشن وٽ بيهجي ويو آهي. سڌو سڌو منهنجي اکين ۾ ڏسڻ لڳو. منهنجي من جي درا ۾ هڪ مچليءَ اچل ڪاڏي ”اڙي شهزادا“!

ڪجهه دير کان پوءِ رموءَ جي تاب جڏهن منهنجي نظرن کي جهڪائي ڇڏيو، تڏهن چيائين، ”اهو سپ ليلان اچي ڪندي.“ مان چپ رهيس. ائين به ڪونه پڇيم ”اهو سپ“ ڇا؟ ليڪن اهڙي ڪا مورڇا مون تي چڙهي وئي هئي، جو ڪجهه به ڪڇي ته نه سگهيس، پر رموءَ کي وڃڻ کان روڪي به نه سگهيس.

ٻئي ڏينهن صبح جو ليلان ۽ رمو منهنجي گهر آيا. ليلان چيو، ”هي منهنجو ڏرم جو ڀاءُ ڏنئه سونيا، بس چريو ٿي پيو اٿئي توتي.“

مان کلڻ لڳيس. پري ڪٿي زندگيءَ جي سچيين وادين ڏي ڏسندي چيم، ”واهه ڀائي ليلان! ڏاڍا وڏا چرچا ٿيئي ڪرين مونسان... هل ڀلا ٻڌاءِ هنن ڪپڙن مان چا چا تيار ڪرڻو آهي...“

انهن ڪپڙن جي سلسلي ۾ رموءَ روز اچڻ شروع ڪيو. چيائين، ”شهر ۾ هل ته توکي هڪ دوست کان پينٽيڪوٽن سڀڻ جو آرڊر وٺي ڏيانءِ. بس توکي ڪم ڪرڻ جي ضرورت ئي نه پوندي.“

”عجيب ڳالهه پيو چوين رمو! آرڊر لاءِ ڪم نه ڪبو ته آرڊر پورو ڪيئن ڪري ڏبو.“

”سونيا! ڪم ايترو سولو ۽ گهڻو ملندو، جو ٻه مشينون رکي ماڻهو ڪم تي لڳائي، تون ٻيا آرڊر وٺڻ نڪري پئج.“

”ائين؟“ مون کي لڳو منهنجي پيرن هيٺان ٻه لڪڙيون ڪڙيون ڪيون ويون آهن جن تي بيهي هاڻي آسمان کي ٻه ڇهي سگهنديس. ”ليڪن رمو هڪ ڳالهه ٻڌاءِ، محنت هوڪندا روز ٢٠ روپين جي مان جڏهن ڪين ڏهه ڏئي ڏهه پاڻ وٽ رکنديس، تڏهن مان ٻيا آرڊر وٺڻ نڪرنديس. اها ٺڳي ناهي؟“

”اهو ته دنيا جو دستور آهي، نه ته دنيا ۾ جاين جوڙڻ وارا مزور غريب چو هجن. جهوپڙين ۾ چو رهن...“

”بس بس پيا وڏيڪ مثال نہ ڏي، مان هن سلائيءَ ۾ ئي خوش آهيان. پڻ جي محنت رت ڪري ڪان تنهن ڪان تہ..“ منهنجا لفظ وات ۾ ئي رهجي ويا. رموءَ جي شڪل ايتري لهي وئي، جو مون کي ڪل اچي وئي..! ”چيم تنهنجو بئروميٽر چو هيٺ ٿي ويو رمو؟“

مٿي چت ڏي ڏسندي رموءَ چيو، ”ڪنهن جي دل جي ڪنهن کي ڪهڙي خبر..!“

اها ’ڪنهن کي‘ اگر مان آهيان تہ رموءَ جهڙي شخص تان تہ قربان ٿي ويندس. رموءَ کي بہ ڪهڙي خبر تہ سندس جهڙي سهڻي موهيند ڙ شخص لاءِ مان ڪيڏو تڙڦي هئس ۽ ڦاٿيس وڃي سپاڳچند جهڙي پاڻ کان وڏي پيءُ جيڏي شخص جي چڪر ۾...!

سمو اچي ويو جڏهن زندگي هند رو بڻجي پئي. گهر جو هڪ روم صاف ڪري پهرين بہ مشينون، تن لاءِ بہ چوڪريون رکيم. آرڊر وڌيا تہ پيٽيڪوٽن سبڻ لاءِ چار مشينون رکيم ۽ مان هئس رموءَ سان گڏ، بمبئيءَ جي شاهي رستن تي، هوٽلن ۾، باغن ۾، ريلوي پلين جي مٿان..!“

رموءَ چيو، ”ڪشمير هلندينءَ سونيا؟“

”چو؟“

”سوال آهي؟ سڀ جوڙا هني مون ڪٿي ڪندا آهن؟“ ان مهل اسين هڪ ريلوي پل جي مٿان بيٺل هئاسين. مون کي لڳو جنوريءَ جي هوا ڪشمير

ڪان هتي آئي آهي. پلنهءِ ساري ٿڌڪار سميٽي، جا اچي مون تي وسائي اٿس ته..
”اوئي!“ مون ڏڪندي ٻئي ٻانهون ٻڌي ٿڌ کان ڇوٽڪاري جي ڪوشش ڪئي.... پر رموءَ اک سان پيار جو چٽاڪ اهڙو هنيو ءِ مٿان چيائين، ”ٻانهن ۾ ڀاڪر ۾ دٻائين به ٿڌ ڪي ٿي؟..“

آهه... سندس باقي اڌ نه چيل سٽ ساري سرير ۾ وڄ جي ڌارا ڪي ڦٿڪائي ويئي. هيٺ ريل جي پٽن تان ريلون گم هيون، مٿي آسمان ۾ سج تي پاري جي ٿڌ جو تهه هو ءِ هيءَ پل، هندورو هئي، جنهن ۾ رمو ءِ مان وينا لڏي رهيا هئاسين، نه، راڌا ڪرشن هئاسين.... ڪجهه دير ڪانپوءِ اننت ۾ ، ڦهليل خوشيءَ کي سميٽيندي، پاڻ کي هڪ عجيب درد ۾ مبتلا ڏنم، ڊگهو ساهه کڻي چيم ”هلون؟..“

رمو پل جي ڪنهڙي کي آڌار ڪري بيٺو هو. مڌر مرڪ سندس مک تي هئي، نهاري ئي نهاري رهيو هو مون ڏانهن يڪٽڪ. ڍيري سان چيائين، ”سونيا، تون واقعي خوبصورت آهين...!“

اڙي اڙي هي ته هن ڇوڪري مون تي آڪاس لاهي وڌو! مان هڪ بي آرام خوشيءَ کان اکين ۾ ڳوڙها آڻي کلڻ لڳيس... ”هلون هاڻي رمئيا!... ماٺو پيا اچن وڃن.“ هاڻي رمو ٻانهون ٻڌي هلڻ لڳو.

ڪهڙو آهي قدرت جو قانون! رمو ته تير جيان سڌو پٺي هليو ءِ مان... مان ته ڄڻ هڪ ڊنل پت هئس. پيرن مان پختگي ور ور ڪري نڪري ٿي وئي.

بي سهاري ول ٻڌجي پئي هئس، ڪاش ڪنهن وڻ جو سهارو هجي... رموءَ منهنجي ٺونٺ کي جهلي منهنجي پيرن ڏي ڏسندي چيو، ”چمپل ۾ ڪجهه لڳي پيو توکي؟“

”ها.“ مون ڪنهن غيبي سور کان ڪڙهي چيو. رموءَ يڪدم هڪ پنو ڪيسي مان ڪڍي کڻي منهنجي پيرن اڳيان رکيو. چيائين، ”هن تي پير رک بنا چمپل جي.“

پير ۾ ڪا تور پرجي وئي هئي! چمپل مان پير ئي نه نڪري. رمون هيٺ ويهي منهنجو پير چمپل کان آجو ڪري، پني تي رکيو ۽ يڪدم پنن سان ماپ ليڪي ورتائين. وري به پنهنجي ئي هٿ سان منهنجو پير مٿي ڪري هڪ پيرو مٿيس پيار سان ٻئي هٿ ڦيرائي وري پير کي چمپل ۾ وڌائين. جنهن وقت منهنجي پير مٿان سندس هٿ گهمي رهيا هئا، تنهن وقت ائين لڳو ڌرتيءَ زور زور سان گهمرائي هٽي مون کي بيهڻ جي ميزان مان ڪڍي ڇڏيو آهي. تڏهن ٻئي هٿ هيٺ رموءَ جي ڪلهي تي رکي، ان چڪر کي سهاري ورتم....

هلندي هلندي هڪ ترڇيءَ نظر سان مون ڏي ڏسندي رموءَ چيو، ”سونيا! هڪ ڳالهه پڇانءِ؟“

مون کلي ڏنو، ”ڳالهه پڇڻ لاءِ مول وٺڻ جي هيءَ ڪهڙي قسم جي ضرورت آئي آهي تو وٽ؟“

”تو منهنجن ڪلهن تي هٿ رکيا. ڇو؟“

ڪيس رستي ۾ هڪ هنڌ بيهاري سندس سندر منهن ڪي نظر سان ڇهندي

چيم، ”ڇو؟... تون مون کان ڏهه سال ننڍو ڇو آهين؟.. پهرين ان جو جواب ڏي..“

ڪنهن وٽ ڪوئي جواب ڪين هو. اها رات ڪيئن گذري.... بس

مون کي ئي خبر... هن نئين ناتي مون کي بي آرام ڪري وڌو.

صبح جا ڏهه مس لڳا هوندا، جو رمو اچي پرگهٽ ٿيو. مان رات کان وٺي

وري وري اهو ئي سوچي رهي هئس ته رموءَ سان هاڻ وڌيڪ رستو وڌائڻ نه

گهرجي. پر اڪيون منهنجون ڏهن وڄڻ تائين به ڪيڏو انتظار ڪري چڪيون

هيون!... ڪيتري ڦڙتي اچي وئي منهنجي انگ انگ ۾....

رموءَ هڪ پئڪيٽ کڻي ڏنو مون کي.

پڇيم، ”ڇاهي هن ۾؟“

رموءَ جي شرارت ڀري مرڪ سان پنهنجي مرڪ به ملندي ڏنم.

”چمپل.“

”او چمپل!“ پئڪيٽ کولي، پٽ تي اڇلي، ٻنهي پيرن ۾ چمپل پائي بيٺس.

ڪاش شڪرانن سان ويڙهي سگهان رموءَ کي!

کلي چيم، ”رمو! ايترو خيال ته زندگيءَ ۾ ڪنهن به نه رکيو منهنجو.“

هٿ مهنيندي رمو ڪلڻ لڳو، ”پلا هي به ڪو وڏو خيال رکڻ آهي؟... هل پلا هاڻي.... هڪ تمام وڏو آرڊر سبڻ لاءِ مليو آهي. پوءِ شايد هڪ به چوڪري وڌيڪ وهارڻي پوندي مشين تي.“

هاڻي مشين هلائڻ وارين چوڪرين ۾ سر پر ٿي. مون چيو، ”هتي جاءِ هنن لاءِ ئي سوڙهي آهي.“

چوڪرين يڪي آواز ۾ چيو، ”اسان کي ڏجو پنهنجي گهر مان سبي اينديون سين.“

”اوڪي!..“ چاتيءَ تي هٿ رکي، ڪنڌ کي اڳيان جهڪائي رموءَ اهڙي ناٽڪي انداز ۾ چيو، جو کل ڦٽي نڪتي سڀن کان.

نئون آرڊر وٺڻ لاءِ اسين ٻئي گهر کان ٻاهر ٿي نڪتاسين ته منهنجي وڏي ڀيڻ اچي پرگهٽ ٿي. مون کي چيائين. ”اچ مان آئي آهيان، تون ڇو ٿي وڃين؟“

جواب رموءَ ڏنو، ”ديدي! هڪ وڏو آرڊر مليو آهي. اسين منجهند تائين موٽي ايندا سين. مون کي به ڪم تي وڃڻو آهي.“

وڌيڪ ديديءَ چاٿي چيو، سو ٻڌڻو ڪين هو..... سو نئين چمپل سان پٽ پٽ ڪندي مان به اڳ مليل آرڊر جا باڪس کڻي رموءَ سان تڪڙي تڪڙي نڪري آيس. رمو مون کي هڪ باغيچي ۾ وٺي هليو...

”ڇا هتي رمو؟“

”تون هتي بينچ تي ويهہ تہ سهي. هان ڏس هي گلاب.“ رموءَ گلاب جو گل ڪٽي مون کي هٿ ۾ ڏنو. مون کي اڄ ئي خبر پئي تہ رموءَ جا هٿ ۽ هٿن جون آڱريون بہ گلاب جي پنکڙين وانگر نرم آهن... گلاب کي سنگهندي من جا ڪهڙا ڪهڙا پٽ کلي پيا، چئي نٿي سگهان.

رموءَ چيو، ”مون اڄ توکي ڪلهوڪيءَ ڳالهہ جو جواب ڏيڻ لاءِ هتي وهاريو آهي. اسين ڇوڪرا ويهن سالن جا هجون يا سٺاويهن جا، ڪوئي فرق نٿو پوي.“

” اسين ڇوڪريون سٺاويهن جون هجيون يا سٺيهن جون هجون، تڏهن بہ ڪوئي فرق نٿو پوي؟“

”ڏٺ.... پريم جي جهان ۾ عمر جا فرق بيوقوف ڳڻيندا آهن...“

”پريم...! ڇا پيو چوين رمو؟“

”پاڻ کي دوکو نہ ڏي سونيا!“ رمو دور دور ڏسندي بہ ڪنهن اند رينءَ اک سان مون کي جاچي رهيو هو... مان اوچتو ڪ پر ۾ وڃي رموءَ جي گوڏن تي سر رکي روئي پيس.

رموءَ منهنجي مٿان هلڪو جهڪي منهنجي لوند ڙيءَ وٽ پنهنجو منهن آندو. موت هن کان وڌ منو ڪيئن هوندو! ڪڙو ڪيئن هوندو! ڪڙو ڪيئن هوندو! هاهاڪار هو منهنجي تن بدن ۾! سک، دک، اميد ، نااميدي، من

ساگر ۾ اهڙيون لهرون بڻجي ور ور ڪنديون پئي آيون، جو اکيون منهنجون سيلاب بڻجي پيون....

”مان توسان شادي ڪندس سونيا!“ هن ڪن وٽ مون کي ڪهڙي هيءَ ڳالهه چئي! برهمانڊ ۾ جوتيون ٽمڪڻ لڳيون! تيز هوائون انهن کي وسائڻ لاءِ آيون.

”رمو خبر اٿئي مون کي ڪنهن وقت سپاڳچند جي سنگ بدنام ڪري ڇڏيو هو؟...“

”مون کي ان سان ڪوئي واسطو ڪينهي.“

”مون ۾ تو وانگر ٻئي کي مدد ڪري چاڙهڻ جو ڏانءُ ڪونهي، نه ئي تو وانگر موتين جهڙا ڏند ڪڍي کلڻ ئي اچيم! نه موهيندڙ مرڪ آهي سدائين منهنجي منهن تي.“

”سونيا! توکي ڇا آهي ڇا ناهي، ان جي توکي ڪهڙي خبر. تون وٽ بس هڪ ڳالهه تارؤن تار پريل آهي...“

”ڪهڙي!“

”..........“ رموءَ جي هي ماٺ سان ڏسڻ جو سپاءُ.

وري پڇيم، ”ڪهڙي ڳالهه آهي مون ۾ تارؤن تار پريل...؟“

پنهنجي ٽڙيل گل جهڙي منهن کي منهنجي ويجهو آڻي ٿو چوي، ”پيار... تنهنجو مون لاءِ پيار...“

منهنجو منهن ڳاڙهو ٿيو يا نه، پر اکيون پاو سان پرجي، ڇپر جهڪائي، بند ٿي ويون. سندس چاتيءَ تي مُڪون هڻي چيم، ”تون ستائين ٿو مون کي رمو! ڏاڍو ٿو ستائين!“ رموءَ ڪٽي منهنجي ڪاڏيءَ تي هٿ رکيو.

اچانڪ مون کي ڪا ڳالهه ياد اچي وئي، مان منهن ڦيرائي ٻيهي رهيس.

”وري ڪهڙو گرهڻ ڏنو مڏِمِ! ؟“

ڏکو ساهه کڻي چيم، ”رمو تون مون کان ڪيترو نندو آهين، تنهنجي گهر وارا اصل ڪونه مڃيندا.“

منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي ٿو چوي، ”پنهنجي گهر وارن کي مڃائڻ جو ذمو منهنجو.“

هائو ذمو برابر کنيائين. رموءَ جي ٻڍ ڙيءَ ماءُ جڏهن مون کي ڏٺو، تڏهن پاڪر ۾ پري مٿي تي ڪري چمي ڏنائين. سک شايد ائين اصل ٿڌي جل جيان ڏوڪيندا ٺار وجهندا ايندا آهن! تڏهن ڪنهن مهل ڙي من! تون ائين چو وسهي ويندو آهين نه هيءُ سکن جو پرواهه ڪا ندي نالو آهي جو سدا پيو وهندو، هتي نه بس نديءَ ۾ پاڻي اچي چڙهڻ لڳو هو...

تن ڏينهن منهنجي ماسي ولائت مان لکيو، ”منهنجي جاءِ صفا ڪرائي ڇڏجو، مان مهيني اڌ هلي اچان شايد. ڪا اهڙي بيماري اٿم جنهن جو علاج هتي پوريءَ طرح ٿي نه ٿو سگهي.“ مان ماسيءَ جي گهر جي ڪنجي کڻي رموءَ سان گڏ ماسيءَ جي گهر جي صفائي ڪرڻ نڪري پيس. رمو هڪ مائي ۽ مزور

ڪي هينئان ونندو هليو. لفٽ ۾ چڙهي ڇهين ماڙيءَ تي پهتاسين. رموءَ هٿ کان ڇڪي بالڪنيءَ ۾ هلي بيهاريو. ”سونيا! اسين ڌرتيءَ کان ڪيڏو مٿي آهيون اچ؟ آڪاس ڏس ڪيئن هيٺ لهي آيو آهي!“ مان وائڙي ٿي هن شاعراڻي اظهار کي محسوس ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳيس، پر مون کي ته ڪجهه محسوس ٿيو ئي ڪين ٿي. ڪلاڪ کن کان پوءِ جڏهن ٻئي نوڪر سڄو گهر صاف ڪري هيٺ هليا ويا ۽ مان ماسيءَ جي ٻاٿ ٽب مان تڙڳي ٻاهر آيس ته ڏٺم رمو هٿ منهن ڌوئي وري به وڃي بالڪنيءَ ۾ بيٺو آهي. آس پاس ۾ ڪا به ڇهه ماڙ جڳهه ڪين هئي، انڪري مون کي لڳو رمو سچ ٿو چوي ته آسمان هيٺ لهي آيو آهي. مان ٿلهي ٽوال سان پنهنجا ڏگها واسينگ وار سڪائي رهي هئس، جو رموءَ چيو، ”اڙي هيئن سڪائبا آهن وار!“ پاڻ ئي منهنجي پٺيان بيهي وارن کي ٽوال سان اگهڻ ۽ هر هر چمڻ لڳو.

مٺان چيائين، ”امي چوي ٿي هن مهيني توهانجي شادي ڪنديس.“ مون چيو، ”منهنجي اميءَ به ڏاجو ناهڻ شروع ڪيو آهي. منهنجو پاءُ پنهنجي ڪنهن سمگلر دوست کان اهڙين اچيون ساڙهيون وٺي آيو آهي، جو منهنون ته اکيون ئي چرخ ٿي ويون. اميءَ چيس هي سڀ سونيا جي ڏاجيءَ لاءِ رک.... جڏهن خبر پيس ته مڇٽي توسان ٿيڻ واري آهي ته کلڻ لڳو. چيائين، ’رمو سونيا کان ننڍو آهي، ترڪي ويندو.‘ پر اميءَ تو وارا اکر ٻڌايس ته جڏهن وڏي عمر وارو مرد ننڍيءَ عمر واريءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪري سگهي ٿو، تڏهن ننڍي عمر واري مرد سان وڏيءَ عمر واري ڇوڪري ڇو نه شادي ڪري. خير بحث کان پوءِ

مجيائين ۽ خوشيءَ ۾ هزار روپيا اميءَ کي ڪيدي ڏنائين ته ڪجهه پيو ٻه ڳهه ڳنو نهرائڻو هجيئي ته نهرائج، اجڪلهه مال پاڻي جام ملڻ لڳو آهي.“

رموءَ چيو، ”گهر ته منهنجو ڏسي آئي آهين. ههڙو ماسيءَ جي گهر جهڙو سينگاريل پلي ناهي، پر سنو آهي..“ مون رموءَ جي چاتيءَ تي ڪٽي پنهنجو ڪليل واسينگڻ وارو مٺو رکيو. ”منهنجو رمو سنو آهي ته گهر پلي غار يا چر ۾ هجي، چاهي وڻ مٿان پکيءَ جي آکيرن جيان هجي.“

رموءَ مون کي پاڪر ۾ پري هلي ڏنلپ جي گاديلي ۾ جڻ ڳوهي وڌو. ڪو ڏپ ڪونه هو، ڪو پو ڪونه هو، جيڪي هميشه هڪ ٿي وجڻ وارا آهن، سي اج ئي چو نه هڪ ٿي وجن.!

هيءَ اج ڏادي لنبي ٿي وئي. روز اها ’اج‘ اچڻ لڳي. هفتي ٻن ۾ ئي مائڻ ۾ ڏادي چڻ پچڻ ٿيڻ لڳي ته روز چوڪري نڪريو وجي صبح ساڻ. هاڻي ته آرڊر ٻه ڳهڻا ڪانه ٿي آڻي، چڻ مشين مان ڳهڻائي ٻه ڪيون اٿس.

ٻئي پينر ۽ ماءُ چنتا ڪرڻ لڳيون. پيءُ ته هاڻي بستري مان اٿندو ئي مشڪل هو. مان صبح جو سويل اٿي ڪڏهن بيدا، ڪڏهن مچي، ڪڏهن ميها، ڪجهه ٻه رڌي ونندي هئس، ڦلڪن لاءِ تئو ماسيءَ جي گهر ۾ وجي رکيو هوم. عجيب سک هو هن نند ڙي گرهستيءَ ۾، ڪيڏيون لنبيون هيون اسان جون ڳالهيون ۽ ڳالهين جي لنبائي گهٽ ٿي، ته هٿ هٿن ۾ وجهي ائين ئي سمر هائوس واري جهولي ۾ پيا لڏندا هئاسين. رموءَ جي ڊيوٽي هوندي ته ڪڏهن ڏينهن ڪڏهن

رات هئي. هاڻي هن پنهنجي ٻين دوستن کي به رات جي ڊيوٽيءَ کان ڇڏائي ڇڏيو هو... اسين ٻئي ڄڻا ڏينهن سڄو ماسيءَ جي جاءِ ۾ ڪاٽي، رات جو پنهنجي گهر ۾ پهچي ويندا هئاسين. ڪهڙي ويل هن بهار جي مند کي سڏيو هوم، جو اها گهڙي ست پئجي وئي هئي.

ڪجهه عرصي کان پوءِ هڪڙي ڳالهه ٿي. گهر ۾ ماءُ ۽ پينر چوڻ لڳيون.

”سونيا! پنهنجي شڪل ڏني اٿئي آرسيءَ ۾؟“

هائو، ڏيان سان شڪل ڏٺم ته خود به حيران ٿي ويس. مون کي هي چا ٿي ويو هو چمڙي منهن تي ڍلي پئجي وئي هئي، سرير اندران ماس ئي جڻ ڪورجي ويو هو! واقعي پريم ۾ انسان پاڳل ٿِڄي پوي. رموءَ کي هٿن سان کارائيندي مون پاڻ کي ته جڻ پلائي ئي ڇڏيو هو.

ماءُ چيو، ”رشين منين چيو آهي ’گهڻ منائيءَ جي به چڱي ناهي.‘ تون جو آرڊرن ونن پنيان ڏينهن رات ڊڪندي ٿي رهين، سو هٽي ڳاري پاڻ کي چٽ ڪري ڇڏيو اٿئي.“

مان حسرت پريءَ نگاهه سان پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏسڻ لڳيس. ماءُ چيو، ”هاڻي پائر ڪمائڻ لڳا اٿئي، توکي گهٽي هڻ پچاڙ ڪرڻ جو ضرور ئي ڪهڙو آهي.“

کلي چيم، ”چو منهنجو ڏاجو ناهڻ وسري ويو اٿو ڇا؟“

پيڻ چيو، ”هيءُ پاڻهين جو الاجي ڪٿان سٽ ساڙهين ۾ ريشم جا ونني آيو آهي، سي تو لاءِ ئي ته آهن !“

برابر ائين ئي هو، مون ان ڏينهن پنهنجون ساڙهيون هڪ وڏيءَ بئگ ۾ ناهي رکيون. ڊريسون ۾ هائوس ڪوٽ رات جو ويهي ڪتيم ۾ سبڻ وارين چوڪرين کي سبڻ لاءِ ڏئي، مان وري به صبح ساڻ نڪري ويس.

مان ٻڙي وئي آهيان، ماس ڪورجي ويو اٿم، ائين چو ٿيو آهي ويچارن ۾ هلندي دڪين وٽ ٿاٻو اچي ويو. سمينٽ جو ڏاڪو ڳل ۾ لڳو. ڳل ڦٽيو ڪين، شڪر، پر لوڪل ٽرين ۾ چڙهي ماسيءَ واري مڪان ۾ پهتس، تيستائين ڳل سڄو ڪارو ٿي ويو.

اتي پهچندئي ڳل کي ڏسي، رموءَ ڪجهه اهڙي عجيب نگاهه سان مون ڏي ڏٺو، جو مان سراپجي ويس. اسين جهولي تي وجي ويٺاسين، رمو ماٺ هو. ”چو ماٺ آهين رمو؟ هيڏو ڏڪ ڪائي آئي آهيان ته اهو به نٿو پڇين ته چا لڳو. الا ڪيڏو سور آهي!“ رموءَ چيو، ”ڏڪ ته مون کاڌو آهي.“

مان سندس سڄو بدن هٿ سان ڇهي ڇهي چوڻ لڳيس. ”ڪٿان ڏڪو کاڌءِ.... ڪٿي ڏڪ لڳو اٿئي؟“

رموءِ هڪ چني ڪڍي ڪٽي مون کي پڪڙائي. ”ڪنهن لکي آهي؟“ مون ٻئي ٻانهون رموءَ جي ڳلي ۾ ڪٽي وڌيون.

”سپاڳچند.....!“

نالو ٻڌي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. چٺي پڙهي ته اوسان ئي خطا ٿي ويا. هي ڇا ٿي ويو هو سپاڳچند کي؟ ڏاڍي ناٽڪي زبان ۾ لکيو هئائين، ”سونيا منهنجي آهي. تون پنهنجي عمر ڏس رموءَ پاءُ! سونيا جي بدن تي هر انچ مٿان منهنجي ڇاپ آهي..“ وغيره

مون کي لڳو ڌرتي ڦٽي ڏڏي. پينگهه تان لهي پٽ تي ٿي ويٺيس. رموءَ جي گوڏي تي ڪٽي سر رکيم. رموءَ چيو، ”ڇا ٿو ٿئي؟“

اهو ڏينهن اسان جو ڪيئن روئندي گذريو. بس پرماتما ٿو ڄاڻي. مان آپگهات ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويس. هڪ پيرو ته ٻچي بالڪنيءَ مان ٽپو ڏيڻ جي ڪوشش ڪيم، پر رموءَ ٻڪ وجهي مون کي گود ۾ کڻي ورتو چوڻ لڳو. ”مون کي ته تون بلڪل ٻار ٿي لڳين...“ ڳل تي هٿ لائي چيائين، ”پيو ڪير جيڪر ڳل تي هھڙو ڪارو داغ ڏسي ته خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا شڪ آڻي توتي...“

رموءَ جي هيءَ سٺ ڇا هئي؟ بس ڪنجي ويس مڏيءَ ڪاتيءَ سان! هي ڇا ٿي ويو؟ پريمِ جو هيرو وشواس جي منديءَ ۾ ڪرڪلو ٿيڻ شروع ٿي ويو هو! ڪير ڄاڻي ڪيڏي مهل ڪري ٻه پوي...!!! بس وقت ئي ڪين لڳو. برابر هڪ ڏينهن اهو هيرو ڪري ئي پيو. رموءَ جي نگاهه بدلجي وئي. ڪيس منهنجي هر چرپر ۾ شڪ نظر اچڻ لڳو. سامهون دريءَ ۾ هڪ گنديءَ صورت واري ماڻهوءَ مٿي نهاريو، اسان جي ڄاءِ ته ڇهه ماڙ تي هئي، هن چوٿين ماڙي تان بالڪنيءَ طرف نظر ڪئي ۽ رموءَ چيو، ”ڏسجي ٿو هتي به هڪڙو تنهنجو پريمي جنم وٺڻ لڳو آهي...“

”منهنجي رموءَ کان سواءِ ڪوئي نهاري به سهي مون ڏي ته اکيون ڪڍي چڙيانس.“

”ڇو؟“

”ڇو چا منديءَ تي تڪ سمجهو منهنجي ڳالهه.“ مان سندس ڳوڏي تي سمهيل هٿُس ان مهل. چرچي جي انداز ۾ چيائين، ”ڪيترا پيرا مان ڪجهه شئي ٻئي ونڻ هيٺ هليو ويندو آهيان، پوءِ ويٺي اک ملائيندي هوندينءَ.“

”اڙي اما!“ مان رڙ ڪري اٿي ويٺس.

”هي چاٽي ويو آهي توکي رمو! منهنجا ته ڇيهه ڇڄي پيا آهن اڄ...“

”اڙي چرچو به نه ٿي سهي سگهين؟ مان ته ساڀيا مان پيو ڳڌ ران. ڪهڙيون ڪهڙيون ڇوڪريون پيون پڻيان ورن. ماءُ شادي شادي ڪري جان ڪڍي ڇڏي آهي.“

”هل ته برهمڻ کان مهورت ڪڍائي وٺون.“

”تڪڙ ڪهڙي آهي؟“

”تڪڙ ڪيئن ناهي، هڪ ٻئي کان سواءِ ساري رات گذارڻ ڪيڏي ڏکي ٿي لڳي.“

”نيڪ آهي هفتي اندر امان کي چئي مهورت ڪڍائي ٿا وٺون.“

ٿوري دير ترسي چيائين، ”مگر هي تنهنجو جهونو پريمي سپاڳچند ته ڪونه رولو وجهندو وري...“

”ڇا لئه؟“

”تنهنجي سونهن جو جنهن هڪ پيرو خزانو لٽي ڏٺو، سو ڪيئن تڙڦندو هوندو تولاءِ، سو تون نه سمجهي سگهندينءَ.“

”ايڏي سهڻي ته مان آهيان ئي ڪين...“

”ڪپر بلا آهين سونيا! توکي پنهنجي خبر ئي ڪانهي. هن هڪ مهيني جي اندر، هن ماسيءَ جي اڪيليءَ جاءِ ۾ خبر ناهي ڪيترا پيرا تو مون کي ڪڪيو آهي...“

”ءِ منهنجو ڇا پورو رت ست نه خلاص ٿي ويو آهي؟ گهر ۾ ته آرسي ڪنيو منهن ۾ ڏين ته ڏس ايڏو ڇو ٿي پٽڪين آڙدرن وٺن لاءِ، جڏهن ملن ئي به ڪين ٿا.“

رمو يڪ ٽڪ منهنجي منهن ۾ ڏسندو رهيو، پوءِ چيائين، ”هاڻي ڪجهه ڏينهن هڪٻئي کان الڳ گذاري ٿا ڏسون...“

مون نماٽا نيڻ مٿي کڻي اندر ئي اندر ۾ التجا ڪئي ته اها سزا نه ڏي رمو! تو بنا جيئڻ ڪونهي منهنجو. مگر ائين هار مڃڻ منهنجي سڀاءُ ئي ڪانهي. اٿي چيم، ”پوءِ ته هاڻي ئي ٿا هفتي لاءِ قلف لڳائي هلون ماسيءَ جي مڪان کي.“

”هلون ٿا.“ چئي رمو به هڪدم اٿي بيٺو.

هاءِ ڙي هاءِ! هي ڇا ٿو ٿيو! منهنجي ته هٿن مان ڪبوتر ئي اڏامي ويا. مون سمجهيو هو مون کي پڪڙي وهاري ڇڏيندو... مگر هي ته بس اڏ تي ويٺو هو.

ليڪن سچ پچ ڪبوتر تڏهن اڏاڻا، جڏهن مون رموءَ جي وڇوڙي ۾ ٿي ڏينهن ٽڙڦندي گذاريا. پنهنجو ڏاجو پئڪ ڪري ورتم. نوان پلنگ دڪان تي تيار ڪرائي رکائي آيس. مٿان ڪنهن اچي ڪن ۾ ڦوڪ ڏني ته رمو ته دوستن سان گڏ سينگاپور هليو ويو.

هھڙو ڏک! ڪوئي نيل به نظر نه اچي!! سيتا ماتا!!! تکي ڌرتي جاءِ ڏني مون کي ته ڪوئي به آسرو ڪونهي. شاعر جي سٽ لڇي اٿي من ۾، ”جنهن کي ڏي نه ڏانءُ، سا ڪيئن ڪاٽي ڏينهڙا!! رات وچ ۾ ساريون روشنايون گم ٿي ويون، بي آواز ۾ لڳل ڌرتي ٻري جلي فقط ڌکي رهي هئي...

هاءِ ڙي هِيءَ سَرءُ جي مُند! وڻن سڪل پن ڪيرائي ڇڏيا. رستي هلندي پنهنجي پيرن جي آواز چرڪائي ٿي ڇڏيو... وڻن ۾ ته وري به نوان غنچا ڦٽندا، پر منهنجي سرءُ شايد مسڻ تائين هلي!!

ڪيترا سال گذاري ڇڏيا آهن هن مشين جي چڪري ڦرڻ ۾، نه ٿڪو آهي، نه ٿتو آهي. ڪيڙن سبڻ جا آرڊر گهر ويٺي ملڻ لڳا آهن. هر سال نئين مشين شامل ٿيندي رهي آهي. وڏي ويڪري هال ۾ هي سبڻ وارين جو ڪٽنب وقت جي چڪر کي مشين جي چڪر ۾ ضربيندو هليو آهي. رڀين جي لشڪر سان غريبيءَ جي قلعي تي سوپ نه پاتم، پر هي کھڙا پوت سسئيءَ جي ڏيرن

وانگرن منهنجي پنهونءَ کي پرديس ڏي اڏاري ويا؟ ڪهڙا ڏونگر ڏوريان، ڪهڙا جبل جهاڳيان...

رمو! مون کي سونا مان سونيا چو ٻڌايئه؟ ڪيئن پلايان اهو پيار؟ منهنجي هر چاهنا کي پورو چو ڪيئي؟ چو آندئي منهنجي جيون ۾ بهار؟ هاڻ ته سرءُ جي مند جو مڙيي آهي ته بهار جي اچڻ جا سپيئي دروازا بند ٿي ويا آهن.

گهر ٻاهران جو ٻاغيچو آهي، ان ۾ سنجها جو سمو روز پهچي ويندو آهي. شفق جي اداس لالي هوندي اٿس. ساڻ هلندو ويندو آهي بي پناهه آسمان تان منهنجي ماضيءَ جو ڪاروان...

# الڳ راهون

خبر ناهي ڪهڙيءَ ڪٿيءَ ڪنيو جو سپدرا ديويءَ جي فوٽي کي ابتو ڪري ڇڏيم. روي گهر ۾ گهڙيو ته يڪدم سندس نظر اُبتي ٿيل فوٽي تي پئي. پڇيائين، ”هيءُ فوٽو ڪنهن اُبتو ڪيو آهي؟“

هڪ پل لاءِ سوچيم چوانس، ’ٻيءَ ڪيو آهي.‘ ليڪن منهنجي سچ ڳالهائڻ جي عادت، چيم، ”مون“.

هو چپ چاپ پنهنجي ڪمري ڏي هليو ويو، چپ چاپ نيڪ نه ٿيندو. پهرين ته مون ڏي ڪڙي نظر اڇليائين، پوءِ فوٽي کي سڌو ڪيائين ۽ ان کان پوءِ مون طرف بلڪل ئي نه نهاريائين، ڄڻ مان هن لاءِ هُئس ئي ڪونه. دل ۾ آيم، پڇيان ڇڪي پڇانس، ”سپدرا ديوي اگر تو لاءِ سڀڪجهه هئي ته مون کي هن گهر ۾ آڻڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي.“

ليڪن هينئر اهو پهرين رات واري سانگي سوال جو پيارو جواب ته ملڻو ئي ڪين هو، هروڀرو پنهنجي موڊ خراب ڪرڻ مان ڇا ورندو. مگر سوچيم پهرين رات به جڏهن هن چيو، ”سپدرا جهڙي لڳينءَ، تڏهن ته تنهنجي پڇيان پيس.“ ته به مون کي ڪو اهو جواب اندر ۾ خاص ته ڪونه وڻيو هو، ان وقت شايد اڃ سمجهان ٿي ته ڪا به ناري پتيءَ جي نظر ۾ ٻي ناري هجڻ نه چاهيندي آهي... نه اهو مان غلط وٺي سوچيان. هر ڪا ناري ٻي ناري ٿيڻ چاهيندي به هجي، پر پنهنجي مرضيءَ سان سندس پتي ڪيس ٻيءَ ناريءَ جي روپ ۾ ڏسڻ چاهي ته شايد پسند نه ڪندي آهي. ها اهائي ڳالهه نيڪ آهي، نه ته شاديءَ جي ڪن

مهينن کان پوءِ رويءَ جڏهن مون کي سپدرا ڪري پڪاريو ته مان سندس پلنگ تان ٽپ ڏئي اٿي چو ڪڙي ٿيس، ۽ هن ور ور ڪري سمجهايو ته سپدرا مري چڪي آهي، ان لاءِ توکي حسد ڪرڻ جو ڪوئي سبب ناهي. پوءِ به مان پنهنجي اندر ۾ سانوٽيءَ جي مور وانگر هڪ ڪراهيندڙ آواز چو ٻڌندي رهيس ’مان مان هجان‘، ڪوئي مون کي پيار ڪري فقط مان سمجهي، سويتا سمجهي...

هڪ رات تمام گهڻو روئي روئي، مون کيس ٻڌايو ته، ”مون کي لڳي ٿو، سپدرا جي هن فوٽي سبب، اسان ٻنهي جي اٽوٽ پيار ۾، وار جيتري وٿي پئجي ٿي وڃي.“

هن پيري هو ٽپ ڏئي منهنجي پلنگ تان اٿي ڪڙو ٿيو، سندس اکين ۾ ڪجهه چمڪي رهيو هو ”مون سمجهيو تون به ان کي پيار ڪندينءَ، جنهن کي مان پيار ڪريان ٿو.“ جاچي ڏٺم جيڪي سندس اکين ۾ چمڪي رهيو هو، سي ڳوڙها هئا، جن کي هن منهنجي اڳيان هيٺ ڪين ڪيرايو. پرش آخر راجا آهي ۽ راج هٺ!...

”روي!...“ مون هڪ پيرو کيس پنيان سڏ به ڪيو، مگر ان رات هو ٻئي روم ۾ ئي نه مون کان... منهنجي دل کان... ڪجهه ڪوهه پري هليو ويو هو. هر ڪن مون کي ائين پئي محسوس ٿيو، اسين ٻئي بلڪل مختلف ماڻهو، هڪ ٻئي سان اڻڪي، هڪ وڏي پل ڪري ويٺا آهيون. هن کي سپدرا جهڙي ڪلاڪار ڪپندي هئي. ڪراهت سان ڪڏهن هن لاءِ ’ناچڻي‘ چئي، رويءَ اڳيان حسد

ٻہ ڏيکاريو هوندم، ان ڪان انڪار نٿي ڪريان. پر رويءَ جي غير حاضريءَ ۾ رويءَ ڪان لڪي مون خود وڃي نرتيہ جي ڪلاس ۾ داخلا ورتي. ان ڳالھہ لاءِ مان ڪهڙو ٿي ٻهانو پاڻ کي ٻڌائي سگهان؟ منهنجي من جي سبل ويچار هڪ وار ان جو جواب مون کي هيءُ ڏنو، تہ سويتا! تون خود سيدرا کي پيار ڪرين ٿي، ڇو تہ تون اسڪول ۾ ناٽڪ ڪيڏيا، رڪارڊ وڄائي تن تي ناچ ڪيئي، شايد تنهنجي اندر ۾ هڪ ناچڻي ڪلاڪار جو روح لڪل آهي، جنهنڪري رويءَ ڀريڻ رات چيو هو ”تون سيدرا جهڙي لڳينءَ، انڪري تہ تنهنجي پٺيان پيس....“

ليڪن جنهن مهل هن سيدرا جي ابتي ڪيل تصوير سبتي ڪري ڪڙهي نظر اڇلي ٻئي ڪمري جو رخ رکيو، ان مهل جيءَ چيو، ”اها سيدرا اڄ جيئري هجي ها تہ سندس خون ڪري وجهان ها...‘

ليڪن منهنجي زندگيءَ کي زهر ڪرڻ لاءِ ايتروئي ڪوتو نصيب ڪافي نہ هو. هڪ ڏينهن رويءَ اچي چيو، ”آشا ديوي آئي آهي. اڄ رات ڪويتا پاٺ جو پروگرام هتي گهر ۾ رکيو ٿمانس!.“

”آشا؟ ڇي! ڪويتا پاٺ ڪندڙ تنهنجو نالو وري آشا؟ ههڙو عام نالو! غاشا نالو رکائي ها، آشنا نالو رکائي ها... ڇا پاڻ ڪويتري ڪانهي؟“

”نہ“ رويءَ چيو، ”پاڻ ٿورا لوڪ ناچ سکيل آهي، باقي ڇون ٿا ڳلي ۾ مناس اٿس.“

مون چيو، ”توهان جون ڪوتائون سنئي نموني پڙهي ته مان ٽيپ ڪنديس.“ ۽ واقعي ٽيپ تي پرڻ جهڙيون هيون ڪوتائون... ڪوتائون ته هيون ئي، چو ته اهي لکيل روويءَ جون هيون، پر انهن کي سون تي سهاڳو ڏيڻ وارو هو آشا جو آواز.

رات جا ١٠ اچي لڳا، آشا پريشان ٿيڻ لڳي. هاڻ هن گهر وڃڻ چاهيو. روويءَ کلي چيو، ”وچ ۾ پلي پر اچا ته منهنجو فقط هڪڙو ڪويتا سنگره به تنهنجي گلي جو ميناس ماٽيندو، سويتا جي ٽيپ ۾ نه پهتو آهي..“

”مان سپاٽي به ايندس. پرينهن به. جيستائين توهان جي سپني ڪوتائن کي پنهنجي گلي مان توهان تائين نه پهچايو اٿم. تيستائين بس نه ڪنديس. اسان جي سڄي شهر مان ڪلاڪار نڪتا ئي گهٽا آهن!“

روويءَ چيو، ” آشا ديوي! پهرين سوچيو ته سهي، اسان جو شهر آهي ئي ڪيترو؟ فقط پنج هزار چورس ميل.“

آشا چيو، ”مگر چوطرف جبلن، آبشارن ۽ ساوڪ کيس سونهن ته سرڳ کان وڌيڪ بخشي آهي.“

منهنجي من ۾ آيو ته مان چوان، ”مون پلي توهان ٻنهي جو شهر نه ڏٺو آهي، پر پنهنجي جنم ڀومي کي ايترو پيار ڪيو اٿم، جو توهان جي ٻنهي جي پنهنجي شهر لاءِ سڪ بلڪل تر نموني محسوس پئي ڪريان، مگر اهي اکر منهنجي زبان تي اچي به رڪجي ويا. روويءَ جا پيا به ٽي دوست آيل هئا. اصل ۾ آشا ديوي کي روويءَ جو گهر ڏيکارڻ وارا اهي ئي هئا، هن نه فقط روويءَ جو ذڪر ڪيو هو

ساڻن. آشا ديويءَ کي سندس مائٽن وٽ ڇڏڻ لاءِ رويءَ جا ٽي دوست ڪافي هئا، پر روي به ساڻن گڏ ويو. ٽئڪسيءَ واري کي به رپيا خرچي ڏيڻ سان ڇئن ڪان پنج ڇٽا به ڪجي ويا.

هنن جي هلئي وڃڻ ڪان پوءِ خبر ناهي ڪهڙيءَ احساس ڪمتريءَ اچي ورايو. دل ۾ چيم، عجيب آهن هي مرد، اگر روي هڪڙو نه وڃي ها ته ڇا آشا ديويءَ کي ٻيا دوست اڏائي وڃن ها!“

ڪلاڪ کن ڪان پوءِ روي واپس موٽيو. مون ان مهل مينا ڪماري جا ڳايل ڪي غزل پئي ٽيپ تي هلايا. هڪ درديلو احساس من تن کي گهيري ويٺو هو. رويءَ ايندي شرط، ٽيپ رڪارڊر مان اها ٽيپ ڪڍي، آشا ديويءَ جي تازي ڳايل ٽيپ ڪٽي وڌي، منهنجي من ۾ خبر ناهي ڪهڙي راڳڻي پئي هلي، جنهن کي جهوٻو اچي ويو. رويءَ جي هيءَ حماقت مون کي اصل ڪانه وڻي. مان چپ چاپ اٿي ويس ۽ وڃي ٻيبيءَ جو بسترو وغيره ٺيڪ ڪيم. ٻيبي ننڊ ۾ ڏاڍي پياري پئي لڳي. پر ڪيس چمي ڏنم ته جاڳي پئي. بس جاڳي ڇا پئي اصل ”پپا پپا“ جي رٽ لڳائي ڏنائين. روي ته هڪ من، هڪ چت، آشا جا ڳايل پنهنجا گيت ٻڌي رهيو هو. ڪيس ٻيبيءَ کي ڪڻڻ لاءِ سڏ ڪيم ته جواب ئي نه ڏنائين. شعر لکڻ مهل ته هونئن به ڪجهه ٻڌندو ناهي. هاڻي شعر ٻڌڻ مهل به جواب نه ڏيڻ جي ڪار شروع ٿي رهي هئي. ڪنهن نموني ٻيبيءَ کي ماٺ ڪرائي، مان ٻيبيءَ سان گڏ ئي سمهي پيس. شايد آڌي رات جو سمو هو، جو اوچتو جاڳ ٿيم. ڏسان ته روي اڃا به اٿين ئي آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو آهي. ۽ پاسي ۾ ٽيپ رڪارڊر مان،

## الڳ راهون

سندس پيارا گيت آشا ديويءَ جي سريلي گلي مان لهرائي رهيا آهن. مون هلڪو ڪڙڪو ڪيو. پهرين سمجهيم، ڪيس ننڊ اچي وئي آهي، ليڪن ڪن ڪان پوءِ ٽيپ خلاص ٿي ته ڏٺم وري ان کي نئين سر چالو ڪري چڙيائين. خبر ناهي مون کي ڇا ٿي ويو. رڙ ڪري چيم ”بند ڪر، مهرباني ڪري بند ڪري روي“ ۽ رويءَ کي به خبر ناهي ڇا ٿي ويو چيائين، ”بند نه ڪندس، نه ڪندس بند، توکي کپي ته ٻئي روم ۾ وڃي سمهه.“

مون ڀڻڪندي چيو، ”تون جيڪر ٻئي روم ۾ وڃي، اها ٽيڪ ٻڌين ته ڇاهي؟ بيڊ روم سمهڻ لاءِ ٿيندو آهي، راڳن لاءِ نه ٿيندو آهي.“

هن ڏاڍي ڪراهت سان چيو، ”پابندين ۾ ئي ٻَڌي پئي هُج، توکي ڪهڙي خبر روح جي آزادي ڇا ٿيندي آهي!“

مان به وهاڻو کڻي روم مان اٿي ڪڙڪي ٿيس. چيم، ”اها روح ٻوح جي آزادي ڪنهن استريءَ کي ماڻيندي ڏسو ته سڙي جيڪر خاڪ ٿي وڃو. اهي اسين زالون آهيون، جن جي زبان تي مُهر آهي.“

رويءَ جي ڳالهائڻ ۽ نهارڻ ۾ حد کان وڌيڪ ڏڪار ڏسي منهنجو روح رڙي اٿيو. چيم، ”ڪهڙو آهين روي! پهرينءَ رات کان وني سيڊرا ناچڻيءَ جي مُردي سان گڏ جيئڻو پيو. هاڻي شايد آشا ديويءَ جي زنده دليءَ سان گڏ جيئندي، ڪنهن احساس ڪمتريءَ ۾ مرڻو پوندو.“

## الڳ راهون

ان ڪان پوءِ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا الزام هڪ ٻئي تي هڻندا رهياسين. اف! ڪهڙو آهي هي لفظن جو طوفان؟ جنهن ۾ سڀ پيار ۽ پريم چِن پِن ٿيو وڃي...

مان پنهنجو وهاڻو کڻي بيڊ روم کان ٻاهر نه نڪتس، پر رويءَ کان سواءِ ڪٿي جاءِ هئي منهنجي وشواس پريءَ ننڊ جي.

ٻئي ڏينهن تي به آشا ديوي وري اسان جي گهر ۾ آئي. 'اسان جي' نه چوان، 'روي' جي چوان، چو ته روي ان رات مون کان جو جدا ٿيو ته وري ڪڏهن گڏ نه ٿيو. دل ڪري، اسان جون راهون بلڪل الڳ ٿي چڪيون هيون. گيت لکڻ ڪري رويءَ کي مشهوري ملي هئي.

مشهوري ته رويءَ کي گهڻو اڳ ملي هئي، پر اهي گيت جڏهن آشا ديويءَ جي سريلي گلي مان ماڻهن ٻڌا، تڏهن ته روي لاءِ فلمن وارن به دروازا کولي ڇڏيا ۽ ٻئي ٻانهون کولي روي ۽ آشا ديويءَ جو ستڪار ڪيائون. مان رويءَ سان گڏ هوندي به، پاڻ کي سندس پاڇي کان وڌيڪ ڪجهه ڪين سمجهندي هئس.

هڪ رات ته رويءَ سان وري جهيڳڙو ڪيم. مون چيو، "روي هي سڀ ڇا ٿي رهيو آهي؟ آشا ديويءَ سان گيتن کي سجيلا سر ڏيڻ سٺي ڳالهه آهي، پر آشا سان گڏ خريدارين تي وڃڻ، سندس عزت ۾ پارٽيون ۽ ڪوي سميلن ڪوٺائڻ، سندس هر ڪو انگل کڻڻ، مان ڇا سمجهان؟"

”آشا ديوي منهنجي ڳوڻائڻ آهي، منهنجين ڪويتائن جو سندس آواز ملهه وڌائي ڇڏيو آهي. پوءِ به مان سندس قدر نه ڪريان؟“

”مان نه تنهنجي ڪنهن ڪم ۾ ساٿ نه ٿي ڏئي سگهان. سپدرا وانگر نرتيه ڪلا ۾ نالو ڪڍي سگهان ها، نه اڄ فلمن ۾ تنهنجي گيتن تي منهنجا نرتيه هجن ها.... هاڻي نه مان ڏاڍي اڪيلي ٿي پئي آهيان روي!“

”نه ڪر نه محنت، ڪنهن جهليو اٿئي؟ اڄ نه ميدان ۾، مڙس جي ڪويتائن جو قدر نه ٿيئي.“

هيءَ هڪ للڪار هئي منهنجي وجود کي. جيڪي نرتيه ڪلا سکڻ لاءِ اڳي لڪائي ڪندي هئس، سو هاڻي پڌري پٽ ڪرڻ لڳيس. رويءَ کي ڪمائي ٿي نه جاءِ به خلاصي ورتائين. وڏي هال ۾ رويءَ جي بينڪ هئي. هڪ ڪنڊ ۾ ڪئسيٽ سان پريل ڪبٽ، ٽيپ رڪارڊر ۽ آشا جي ڳائڻ لاءِ ساز رکيل هئا.

منهنجو روم نه گهنگهرن ۽ سازن سان اڌ کان وڌيڪ پرجي ويو هو. نند ڙيءَ شلپيءَ لاءِ ايترا رانديڪا اچي ڪنا ٿيا هئا، جو ان جو روم به دڪان بڻجي پيو هو. بس خالي خالي ۽ صاف سٿرو هو نه هڪ بيڊ روم هو.

ڏيري ڏيري بيڊ روم نالي ۾ بيڊ روم وڃي رهيو. روي ڪيڏي مهل آشا ديويءَ سان ڪهڙي فلم جي شوٽنگ تي ٿو وڃي، اهو به ڪيس ٻڌائڻ وسري ويندو هو. شلپيءَ کي نند ۾ چمي ويندو هو. اها عادت به ڏيري ڏيري ڪانئس

ڇڏائجي وئي. پر ڪڏهن پنهنجو ڪوئي گيت، ڪنهن گهٽيءَ گهوٻي ۾ ڳائجندو ٻڌائين يا ريڊيو يا ٽي.ويءَ تي ساراهه ٻڌائين ته بس ڍير رانديڪا وٺي ايندو شلپيءَ لاءِ، پوءِ ڏاڍو پيار ملندو هو شلپيءَ کي، ليڪن اهو به فقط ڪن گهڙين لاءِ.

مگر هيءَ ڪهڙي عجيب ڳالهه ٻڌم دنيا وارن وٽان ته فلمي دنيا ۾ رويءَ هُلائي ڇڏيو آهي ته ”سندس گيتن تي ڪو به فلمي نرتڪيءَ مون ڪان نه ورتو وڃي.“

ڏڙام ڪري، برف جي هڪ چپ هماليه جي چوٽيءَ تان ڪري پئي، لاهيءَ سان رڳڙجندي، زمين کي چليندي، هيٺ هيٺ وڃي، ڪنهن تل ترائيءَ ۾ پئي!!

پهاڙ جي چوٽيءَ تي سرسوَتي، پنهنجي ويٺا مان مڌر رسر ڪيڏي برهمانڊ کي لِيءِ ۾ آڻي رهي هئي ۽ مان هيٺ ڪريل برف جي چپ جو ڳرڻ ڏسي رهي هئس.... جيئري ڪڳي کي، ٺڪر ڪري جڏهن ديڳڙي ۾ رڌڻ لاءِ وجهبو آهي، تڏهن ڪيڏي دير تائين اهو ڪڳو ٽپ ڏيندو رهندو آهي... ڦٿڪندو رهندو آهي، جيسين سندس ٺڪر ٺڪر مان جان پوريءَ طرح نڪري وڃي.... ساڳي حالت هئي هن برف جي چپ جي..

”روي! منهنجي نرتڪيءَ کي فلاڻي فلم ۾ ساراهيو اٿن، مان ويڊيو ڪئسيٽ کڻي آئي آهيان. تون ڏس.“

مون من ماري چيو.

”فرصت هوندي ته ڏسندس، رکي وڃ منهنجي ميز تي.“

## الڳ راهون

”روي! تون مون کي سپدرا چو نه ٿو سمجهين؟ سپ چون ٿا، مان سپدرا ڪان
ٻه رتيون سرس آهيان نرتيه ۾!!“

”سپدرا سمجهان توکي؟ سپدرا جي جُتيءَ ۾ تون پير پائي سگهندينءَ؟
تنهنجو پهريون پيرو نرتيه مون تنهنجي ڪاليج ۾، سپدرا سان گڏجي ڏٺو هو. مون
توکي ساراهيو، هٿ چميا... سپدرا مون کان وڌيڪ ساراهيو توکي، تنهنجو نراڙ
چميائين... ڪري سگهينءَ تون آشا ديويءَ لاءِ ائين؟“

اچانڪ ئي وڄ جي چمڪاٽ جيان هڪ عجيب حقيقت تي وجهي نظر
پئي. چيم، ”جيئن توکي مون تائين پهچائڻ لاءِ، سپدرا ديوي ساهه ڏئي، توکي آباد
ڪيو، تيئن مان برابر نه ڪري سگهنديس، پر الڳ رهي، توکي آشا ديويءَ تائين
پهچڻ لاءِ تنهنجي راهه کولي سگهان ٿي... شل اهو ڏينهن نه اچي، جو تون چوين آشا
ديويءَ کان ڪنهن ٻه قلم ۾ منهنجو گيت نه ڳارايو وڃي.“

# سواگت

چانهه جي پليٽ چپن سان لڳائيندي ومل ڏنو پليٽ ۾ چٽ مان لڏندڙ بلبن لڏي لڏي چمڪيو پئي، ڪين ائين جيئن چنڊ تلاءَ ۾ ڪريو هجي ۽ نرجيو تلاءَ کي آتما ملي وئي هجي.

اٺ ڏينهن گذري چڪا هئا، جڏهن ومل هڪ ڳوٺڙي ۾ پنهنجو خود درشن ڪري آيو هو، کيس محسوس ٿيو هو، سندس نرجيو سرير ۾ سجيو آتما جو چنڊ لٿو هو. ان جي آنند جا ذرڙا، اجا به سندس ساري سرير کي، ڪپهه جي ريشي جيان ويڙهي بيٺا هئا.

ومل جنهن مهل ريل مان لهي، ڳوٺ تي نظر وڌي هئي، تنهن مهل کيس احساس ٿيو هو ڳوٺ جي اونداهيءَ جو، جيڪا ڪٿي ڪٿي ٿنگيل، راه جي بتين جي روشنيءَ کي گم ڪرڻ جي بيڪار ڪوشش ڪري رهي هئي. ڪانئس ٿڌو ساه ڪڇي ويو. سگريٽ جو ڪش هڻي، بلبن ڏي وري هڪ نظر اڇلايائين. من ۾ چيائين، ’مون ۾ ۽ هنن ويچارن بلبن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟‘ بلب مون وانگر سمجهن ٿا ته سندن اندر ڪوئي سورج لڪل آهي، جو اندڪار کي پچائي ڪڍندو، مگر اندڪار، ڪيئن نه پوريءَ طرح کين ويڙهي ويو آهي! اندڪار جي مدد لاءِ ته ڪو هيڙي جو لشڪر به اچي نڪتو آهي.

هن ننڍ ڙيءَ اسٽيشن تي به ڪولي ڪٿان اچي پرگهٽ ٿيو! چيائين، ”سامان ڪٿان صاحب؟“

ومل ڪوليءَ جي منهن ۾ نهاريو، ”سامان؟... سامان ڪٿندين؟... هڪ ٻئگ ئي ته آهي... اچا هل، ليڪن ڪنهن سنيءَ هوٽل ۾ وٺي هل... سامان ڪٽڻ جو نه سهي رستي ڏيکارڻ جو ئي سهي ڪجهه ته ضرور ڏبو توکي.“

”پهريون ڀيرو آيا آهيو؟..“

ومل وٽ هزار اَنديشا هلي آيا هن سوال تي. پر پنهنجي ننڍ ڙيءَ ٻئگ اندر رکيل، خسيس رقم جو سوچي ڪلي ڏنائين، چيائين، ”پهريون ڀيرو آيو آهيان ان ڪري ئي ته رستي جي خبر ڪانهي. ائين ته ڪٿي هڪڙو منهنجو پوڄاري رهندو آهي...“

”ڪهڙي مندر ۾؟“

”مگر ان وٽ مون ڪي هلڻو ئي ناهي.“

”چو سيٺ؟“

”ڀائي! توکان ڇا لڪايان؟ پوڄاري ڪنهن ڪنهن وقت پنهنجي اشٽ ديو کي اهڙيون ست سريون ٻڌائيندا آهن جو هو سڄو ڀٽر ٿي ويندو آهي.“

ڪوليءَ چيو ”ديوتا ڀٽر جو ئي ته هوندو آهي. نه ته پوڄاري ڪيس پوڄي ئي نه سگهي جيڪر. منش ديهي ته مل موتر سان ڀري پئي آهي، ڪير ڪندو ان جي پوڄا سيٺ؟“

”واه واه“ ومل ڪولي ڏي نظر اڇلي. قدآور ڪوليءَ جي، ڳاڙهي ڀٽڪي مٿان اٽڇي، هڪ عجيب پاڇو، هر ٻتيءَ هينان لنگهندي ومل جي آڪار سان

ملي ساه منجهائي پنتي هليو ٿي ويو يا ساڪار روپ ڪولي اڳيان هلندو ٿي رهيو، ڳوٺ جي ڪاڀڙ ڪوپڙ رستي تان.

سگريٽ جي پچڙي، ننڍ ڙن ٻوٽن جي جهنڊ اندر اڇلي، ومل من ئي من ۾ ڪجي چيو، ”ڪهڙو بيڪار ڪم مليو آهي هڪ ليڪڪ کي! آدم شماري... چي... ۽ ٽرين جو هيٽرو بي ٽائيم هجڻ... ڦو...“

هڪ ڪچي روڊ تي پهچي ڪوليءَ چيو، ”صاحب هيءَ ئي هوٽل هتي سڀ کان سٺي هوٽل اٿو.“

ڪولي ٻئگ مٿي تان لاهي هٿ ۾ جهلي.

ومل ڪانئس ٻئگ وٺي سندس ترِيءَ تي ڪجهه رپيا ڪٽي رکيا.

ڪوليءَ صاحب جي منهن ۾ نهاريو.

ومل چيو، ”اچا ڪجهه کپئي؟ ٻئگ ڳري نه ڪانه هئي.“

”نه نه صاحب اها ڳالهه ناهي. توهان جي ڪمري ۾ رکي ڏيانو؟“

”بس بس گهڻو ٿيو.“ چئي ومل مئنيجر سان ڳالهائڻ لڳو. ڏنائين ڪوليءَ در تائين ويندي ويندي ترِي ڪولي رپين کي چمي ورتو.

”نالو لکايو..“ مئنيجر ڪتاب کوليو.

”ومل..“

”پر ۾ ويٺل نوجوان جي چانهه جو ڪوپ پليٽ ۾ چانهه اوتيندي ترڪي ويو ۽ پٽ ۾ به ٽڪر ٿي يو.

ومل جي نظر جوان طرف وئي ته جوان اٿي بيٺو، ”ومل... ليکڪ؟“

ومل کلي چيو، ”ليکڪ ته ڪوئي بيو ومل هوندو، فلحال هي بندو ته آدم شماري ونڻ لاءِ توهان جي ڳوٺ ۾ پڌاريو آهي.“

”ليڪن توهان جو نالو به ومل آهي. بس ڏاڍي خوشي ٿي،“ جوان وڌي اچي ومل سان هٿ ملايو.

ومل کيس پاڪر پائڻ چاهيو، هيڏي ڏارئي ڳوٺ ۾ ڪوئي ته پنهنجو هو، ڪوئي ته سنڌي هو، ۽ ’توهان جو نالو به ومل آهي، بس ڏاڍي خوشي ٿي.‘ ومل من ۾ چيو، ’خبر ناهي ڪهڙو عجيب ناتو آهي هن ماڻهوءَ جو و مل سان!‘

”ويهو چانهه پيئو!..“

ومل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

”ومل منهنجو پريه ليکڪ آهي... توهان ڪڏهن سندس ناول ۽ ڪهاڻيون پڙهيا آهن؟“

”منهنجو پريه ليکڪ به ومل ئي آهي. خاص ڪري نالي پائي جو آهي.“

”اڇا؟“ اجنبيءَ هٿ ملايو. ”توهين هتي پلا ڪيئن رهندا؟ رهي ته ويندا، پر منهنجي گهر هلي رهو.“

”توهان جي گهر؟“

”عجب ڪائڻ جو ضرور ڪونهي. مس نه ڪوئي سنڌي هن ڳوٺ ۾ اچي ٿو ۽ هتي گهر ئي گهٽا آهن سنڌين جا، بس آڱرين تي ڳڻڻ جيترا.“

چانهه پيئڻ جي وچ ۾ ايترين نه ڳالهيون ٿي چڪيون، جو ومل خود ئي اتچي ڪٽي اجنبيءَ سان هلڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو.

گهر نه ڳوٺ جي نموني کان بلڪل ابتڙ هو. شهر جي سکن جي هر چيز ميسر هئي، باٿ روم ۾ ٽائيلس ۽ ڪموڊ، ورانڊي ۾ چينيءَ جي گينڊي، منهن ڌسڻ لاءِ آرسي، پاسي ۾ برش رکڻ لاءِ جاءِ، صابڻ لاءِ پلاسٽڪ جو لوٽو، گهر جوسارو فرنيچر اچي فارميڪا سان چمڪيل، هڪ روم ۾ هڪ صوفا سيٽ به پيل هو. پٽ تي ايراني غاليچو، هڪ پٽ ۾ شيشي جو ڪبٽ هو، جو سجو ڪتابن سان پريل هو. ومل ڪتابن کي جاچڻ لڳو. نه اجنبيءَ چيو، ”هي ڏسو ومل جي ليکڪن جو سجو سيٽ مون وٽ آهي. سندس سڀ ناول ۽ ڪهاڻي سنگره ڏسندا. جن ۾ ومل جي هڪ به آکاڻي هوندي، سا مخزن مون وٽ ضرور هوندي.“

ومل سگريٽ دکائي. اک ماري پڇيو، ”تو نه پرينما وانگر پيار ڪيو آهي، پر جاڻين ٿو نه شهر ۾ سندس ناولن ۽ آکاڻين تي نڪته چيني ڪندي تنقيدنگارن ڪنپ ڪنپ پٽي رکيو هوندو؟“

”آه“ اجنبي ٿڌو ساهه کنيو.

”ڏسجي ويهي، ومل تمام گهڻو نه ڪونه لکيو آهي.“

چاتيءَ تي هٿ رکي اجنبيءَ چيو، ”آهه، مون لاءِ نه سندس هڪ ناول ئي بس هو ! موهت ٿي پيس سندس لکڻيءَ تي.“

”اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي هن ليکڪ جي، جيڪا توکي خاص وڻي آهي؟“

”ڪمال آهي، خود سندس فڻ هوندي به توهين سندس لکڻيءَ جي جادوءَ کي سمجهي نه سگهيا آهيو؟ يا اڳ ٺا ونو؟“

”مان نه ڪيس رواجي ليکڪ سمجهندو آهيان.“

”دوست! هن ليکڪ جيڪا سمجهه ۽ پريم جي دنيا مون کي ڏني آهي نه، سا ڪوئي ليکڪ نه ڏئي سگهيو آهي.“

ومل کي پيار اچي ويو هن اجنبي شخص تي،. کلي پڇيائين، ”تون ڇا ٿو سمجهين، تنهنجو ليکڪ ڪيتري عمر جو هوندو.“

”هوندو ٽيهن سالن کن جو...“

ومل جي اندر مان هڪ گرم گرم ڪش ٻاهر نڪتو، ”ڪاش مٿي جي وارن ۾ هيترن اڇن وارن جو فصل نه لڳل هجي ها.“ ومل جي من ۾ آيو ’هڪ وار ئي ڏيان، مان آهيان ومل... ليڪن نه، ائين ڪرڻ سان هڪ مزو هليو ويندو. هڪ پاٺڪ جي تصور ۾ هڪ پريه ليکڪ جي جوان مورتي اچانڪ ئي ڀڃي ٿي ويندي. دل جي هڪ گهري جذبي تي قابو پائيندي ومل چيو، ”دوست!

تون جنهن ليکڪ جو شرڌالو آهين، ان کي ڪڏهن ڏسڻ جي ڪوشش به نہ ڪئي اٿئي؟“

”ڪاش مان ڪيس ڏسي سگهان، ڪاش هو ڪنهن فلم ۾ پارٽ ڪري ۽ مان اها فلم گهرائي، هتي جي سيني مٽ پر سنڌين کي فري ڏيکاريان.“

ومل جو سارو تن بدن ڪنهن جذبي سان ڪناٽار پرجي ويو. کلي چيائين، ”چا پيو ڏسين پيارا!“

پوڄاريءَ بہ مرڪي چيو، ”سوچيان پيو جنهن ديوتا کي توهان جهڙا پانڪ نصيب ٿيا آهن جن جي منهن ۾ هيڏي مٺيا آهي، سو ليکڪ چا هوندو! اچٽو ئي پوندو مون کي توهان جي شهر ۾.“

چانهہ سان پريل پليٽ ۾ اجا بہ چت وارو بلب چمڪي رهيو هو. ڳوٺ مان آدم شماريءَ جو تعداد لهي آيس. اڄ پوڄاريءَ جي پاو پري ياد چانهہ جي پليٽ ۾ چمڪي اٿي آهي!

# رڃ جو درياهه

جلسي تي بلڪل سهج سڀاءُ گذجي ويو. پنهنجي ڪيسي مان پاڻ ئي ڪارڊ ڪڍي منهنجي هٿ ۾ پڪڙائي چيو هئائين، ”ست سال گڏ پڙهيل دوست، ائين منٺ ۾ ٿوريئي سڪ پوري ڪري سگهنداسين. فرصت وقت هليو اچج ۽ پنهنجن شعرن جي ڪتابڙي به کڻيو اچج.“

”اڄ ڪتابڙي منهنجي هٿ ۾ آهي، پر ڪلاڪ کان هن بينڪ جي ڪمري ۾ قيد ويٺو آهيان.“ اهي اکر لکي، وري هڪ پيرو سورج صاحب کي نوڪر هٿان چٺ موڪلي ڏنم.

بس چمتڪار ٿي ويو. خود سورج پاڻ هليو آيو بينڪ ۾، سندس هٿ جي منديءَ واري شاهي هيري تي جو اس جو تڙڪو پيو ته سڄيءَ بينڪ ۾ اندر لٽ جا رنگ ڦهلجي ويا. ڀاڪر پائي چيائين. ”رام تنهنجي پاپيءَ جو ڏوهه اٿئي. مون کي تنهنجي اچڻ جي خبر ملي ها ته توکي هيئن يڪدم پڪ وجهي اندر رکٽي وجان ها. تو دلدار جو نالو ياد ايندي ئي ڦليليءَ ۾ ٽپيون ڏيڻ شروع ڪندو آهيان، پر هاڻي به تنهنجي پاپيءَ منهنجو دوست وڇوڙي ڇڏيو. هاڻي هيئن ڪر، تون پاپيءَ وٽ ويهه، مان پنهنجي پارٽنر کي ايئر پورٽ تان وٺي اچان...“

مان اجان دوست سورج جي چمڪي جي اثر کان ٻاهر ئي نه نڪتو هوس، جو ڏٺم، نوڪر مون کي سنيتا ديويءَ جي اڳيان هلي ٻيهاريو آهي، خبر ناهي ڪيئن پند رهن سالن جي عرصي، سنيتا جي شڪل تي پنهنجو هڪ پيرو به نه ڇڏيو هو. مان هٿ جوڙي بينس نه بيٺو ئي رهيس. هوءَ پهرين ته مون کي

جاچيندي رهي. پوءِ کي چيائين ”ها رامِ! هنن جا حيدرآباد وارا سنگتي! اچو اچو وهو.“ ۽ پاڻ اڳيان هلندي هلي، مان جڻ ڪنهن جادوئي تار تي سندس پنيان گهلبو ويس. اينٽرو اميراڻو ڪمرو هوندو، سو ته مون سپني ۾ به نه سوچيو هو.

ايئرڪنڊيشن جي هلڪيءَ بدبوءِ کي، ڪنهن عجيب خوشبوءِ سان مات ڪيو ويو هو. هڪڙو چندن جو چورس ننڍڙو صندل رکيو هو، هڪ ڪنڊ ۾. سنيتا مون کي ان تي ويهڻ جو اشارو ڪيو. سڄي ڪمري ۾ پيو ڪٿي به بنا ٽيڪ وارو ڪوچ يا ڪرسي ڪانه ٿي نظر آئي ۽ پوءِ به هيءَ سيڪٽ مون کي ئي ملي. مگر هاڻي خبر پئي ته سڄي ڪمري کي جا چندن جي خوشبوءِ مگڏ ڪري وئي هئي، سا هن تخت جي انگ انگ مان ئي ٻاهر نڪري رهي هئي. سنيتا منهنجي پرسان ئي هڪ موڙي تي ويهي رهي. نوڪر هڪ ٽپائي سيري، ٿورو سڪو ميوو، بسڪيٽ ۽ پاڻي رکي ويو. هڪ گول ڏيو به رکي ويو. سنيتا جي هٿ ۾ ڪاٻه منڊي مٽيو ڪين پيل هو، پر جنهن وقت هوءَ ڏوڏيون چلي، مون کي ڏيندي پئي وئي، تنهن وقت ائين پئي لڳو ساڳيو سورج جي منڊيءَ وارو ست رنگ شعاع هر هر ڪمري اندر ڦهلجي پيو وڃي. ”هيڙا اچا گلابي هٿ ڪٿي خود ئي هيرن جي کاڻ مان ته ڪين نڪتا آهن؟“ مون تڪلف ڇڏي سڌو سنيتا کان سوال ڪيو.

هن کلي چيو، ”توهين ته آهيو پائي شاعر ماڻهو، ضرور ائين ئي چوندا. پهرين ته ٻڌايو توهين اسان جي شاديءَ وقت ته حيدرآباد ۾ هئا، پوءِ هيڏا سال ڪيڏانهن گم ٿي ويا؟ گهڻا ٻار اٿو؟ دوست کي خط پٽ چو نه لکيو؟“

”اڙي اڙي اڙي يڪساهي هيترا سوال؟“

خير اهي هيون واقفيتون، پراڻن دوست جون نين حالتن سان. پر مون کي جو پنهنجي نلنيءَ سورج صاحبن وٽ نوڪري هٿ ڪرڻ لاءِ موڪليو هو، سو هن وايو منڊل ۾ ڳالهه ڪيئن ڪيدان؟ وڏي ڳالهه ته هن سپنن واري محل ۾ اچي مون ڪان ته پنهنجو سڏامو پڻ پلجي ويو هو. ڪاش مون کي ملڪ جي ورهاڱي وقت ڪو ئي ٻڌائي ها ته ماڻهوءَ کي وري وسڻ لاءِ هڪ وڏي شهر يا راڄڌانيءَ ۾ ئي ٺڪاڻو ڳولڻ کپي. ليڪن پوءِ منهنجا شعر ائين جنم پائين ها مون وٽ؟

ڪجهه به چئجي، پر منهنجي هيءَ ملاقات بلڪل اجائي وئي. نلنيءَ کي جڏهن سورج ۽ سنيتا جي محلن ماڙين جون ڳالهيون ٻڌايم، تڏهن يڪدم وات تي هٿ رکي چيائين، ”وري نه وڃجو انهن وٽ، اسين جوڌپوري ئي سٺا آهيون. اسان کي ٻاهي جو ٺيٺو ئي ڪونهي. پنهنجي دوست کي چڏي وڃجي زال جي اردليءَ ۾؟ چي چي! پاڻ سان گڏ توهان کي به ايئرپورٽ تي وٺي وڃي ها ته چا ٺئيس ها؟“

ان ’چا‘ کي ته مون ئي ٿي سمجهيو، نلنيءَ کي چا سمجهايان؟ منهنجي هٿ جي منڊي ته پيرن جو بوٽ به موڳو پئي لڳو. شڪل ته مون آرسيءَ ۾ ڪانه ويهي پيتي، پر جيڪي اسين ٻئي دوست پاڻ لڳندا هئاسين، سي شايد هاڻي ڪجهه به نه لڳندا هجون. ڪٿي هو اوچو مٿي عرش ۽ ڪٿي مان هوس پورو مٿي پونءِ... چي چي هي پست خيال ۽ هڪ شاعر وٽ! شاعر آهي تصور جي دنيا جو سمراٽ!

’خودي ڪو ڪر بلند اتنا ڪہ هر تقدير سي پهلي، خدا بندي سي خود پوچهي بتا تيري رضا ڪيا هي.‘

’محض بڪواس، ڏيڏر لاءِ کوھ جي پاڻيءَ ۾ ڦوڪجڻ ڦاٿڻ واري شامت...‘

هي خيالن جا ور وڪڙ، سورج جو آدرپاڪر ۽ سنيتا جو نهنائي ۽ سونهن، خبر ناهي ڪهڙي ڪهڙي چيز هئي، جا مون کي چڪيندي چڪيندي وري هنن جي در تي وني وئي. ٻاهرئين ڪمري تائين پهچي اچانڪ پير موٽڻ لاءِ مجبور ڪرڻ لڳا. چو تہ مان هنن ماڻهن کي اهو ٻڌائيندس تہ مان فقط ملڻ لاءِ نہ آيو آهيان، پر نوڪريءَ جي غرض ڪٽي آيو آهيان. اهڙي خيال اچڻ سان جو بدن پگهر پگهر ٿي ويو. پر، ”صاحب ۽ مائي گهر ۾ ڪانهي.“ نوڪر جي چيل انهيءَ ڳالھ مون کي شانتي ڏئي ڇڏي، اوچتو گهر اندران ٻہ پريون نڪتيون ۽ ٻاهر ٻاغيچي ۾ پهچي ”ڊرائيور ڊرائيور“ جي رڙو رڙ ڪندي وڃي پيروز رنگ جي هڪ ننڍڙيءَ موٽرڪار ۾ ويٺيون. ڊرائيور آيو ۽ ڪِن ”ڊانس ڪلاس جانا هي؟“ چئي اڏامي ڪٽي ويو. هاءِ ڙي مان!... سندن پيءُ جو جگري دوست مون تي نظر ئي نہ پين. تنهن ڏينهن سنيتا ساڻن سڃاڻپ بہ ڪرائي هئي، پر شايد مان ئي ائين ڪنڊ ۾ ٿي بيٺو هوس... انڪري... ۽ ياد اچي پنهنجي ڪڪي ننڍني. ڪيڏو وڏو ٿي ويو آهيان مان. مون کي هڪ شاديءَ لائق ڌيءَ بہ آهي. اجا ڪلهوڪي ڳالھ آهي مان ۽ سورج ڦليليءَ تي وڃڻ لاءِ صبح جو اٿي هنن ٻنهي پرين وانگر اوڏم مچائيندا، ڦليليءَ تي نڪري ويندا هئاسين. ڪائي جوابداري

ڪانه هئي ۽ هينئر جوابدا ريءَ هيٺ سڃا ڪلها ئي جهڪي پيا آهن. پير پير ۾ ڪري موٽي رهيو هوس، جو اوچتو بنگلي ۾ سچيتي اچي وئي. ائين محسوس ٿيو ڄڻ جهڪيل سورج مکي گل، سورج نڪرڻ سان مٿي منهن ڪڍي بيٺا. سيٺي نوڪرن کي هيڏانهن هوڏانهن پڇندو ڏسي مان ٿم ٿي ويس. ڳالهه ڇا هئي، جو هنن کي پنهنجي صاحب جي موٽر جو هارن سڃاتل هو، جنهن ڪري سڀ ڪڙا ٿي بيٺا، مگر مون کي ته هنن جي چرپر جو ڪارڻ تڏهن سمجهه ۾ آيو، جڏهن ڦاٽڪ مان موٽر کي اندر گهڙندو ڏٺم، سورج لٿو ته سندس پٺيان هڪ ڪرسچئن ڇوڪري به لٿي، جنهن جي هٿ ۾ ڪي پئڪيٽ هئا. ائين ته سورج جا هٿ به خالي ڪونه هئا. هڪ به پئڪيٽ سندس به هٿ ۾ هو. ڪرسچئن ڇوڪريءَ لهندي ئي ٿورو پرپرو بيٺل پولوءَ کي سڏي ڊڪيءَ مان وسڪيءَ جو ڪوڪو ڪڍڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ هال جي ٻاهرئين در کي ڪنجيءَ سان کولڻ لڳي. ان وچ ۾ سورج مون سان هٿ ملايو ۽ چڪي اندرئين ڪمري مان لنگهي اندرئين پاسي ڪان ئي هال ۾ وٺي هليو، جتي ڪرسچيئن روزي، گلاسن ۾ برف ۽ وسڪي وجهي ڪاڄن، باداميئن ۽ چيز لنگ جون پليٽون رکي چڪي هئي.

مون هيڏانهن هوڏانهن ڏسي چيو، ”پاپي ڪٿي آهي؟“

”هوندي اتي ڪٿي.“ چئي سورج وسڪي ڪنئي، مون کي هڪ گلاس پڪڙائي پيو پاڻ ڪٽي تڪرائي پيئڻ لڳو. ڏيري ڏيري جهونيون يادگيريون دهرائيندي دهرائيندي هڪ عجيب ڳالهه تي پهچي ويو...

”ھي تنھنجي پاپي آھي نہ، ھتي اچي ڏاڍي تڪي ٿي پئي آھي.“

”اڇا!!“

”ھا پائي ڳالھہ ئي نہ پڇ. ھاڻي ھيءَ ويچاري روزي، ڪيس ڇا ٿي ڪري؟ مڙس تہ مان سندس ئي آھيان. ڪير بہ مون کي ڪانئس ڪسي ڪانہ سگھندي...“

منھنجو ساھ اندر ئي اندر رڪجڻ ۽ گھٽجڻ لڳو، ھي آھي پنھنجو سورج! ڇا اھو ساڳيو سورج آھي؟

ھاڻي سورج جي اکين ۾ لالي ۽ منھن تي خنڪي ھئي. اک پڇي چيائين، ”آخر ھنن ڇوڪرين کي بہ تہ روزي کپي...“

”يعني؟... تنھنجو مطلب آھي روزيءَ جھڙين ڇوڪرين کي؟...“

”ھا، ڇو نيڪ نہ چيم؟... حقيقت ۾ چاھي تہ سنيتا کي ڪم ڪو بہ ڪونھي. اجايو ويھي ويٺي پور پچائي، وري اولاد مان بہ ڪين ٿيو، وڏي ڪڪي اجا 14 ورھين جي ھئي تہ ضد ڪري ويٺي تہ مون کي پارسي ڇوڪري سان شادي ڪرڻي آھي. مون تہ چيو زھر ڏئي ڇوڪريءَ کي ئي پورو ڪري ڇڏجي. نہ ھوندو بانس نہ وڄندي بانسري.“

سورج جون ڳالھيون ھاڻي منھنجي برداشت کان ٻاھر ھيون، ڪنن ۾ آڱريون وجھي چيم، ”اولاد لاءِ ڪوئي ائين بہ چئي سگھندو آھي؟“

”اَڙي اولاد؟ خبر اٿيئي ڪهڙا گل ڪلايا اولاد؟ شاديءَ جي چئن مهينن ڪان پوءِ سڌي واپس اچي هن گهر ۾ ويٺي... ۽ ماڻس؟... بس وساٽل ڏيئي جي به وٿ نه هوندي، هن زال جون نه جڻ پاڙون ئي سڙي ويون.“

سورج جي اکين ۾ دک شامل ٿيندو پئي ويو. ائين پئي لڳو شايد... شايد روئي به وجهي. ان مهل روزيءَ چيو، ”توهان جا دوست نه اچا ڪونه آيا آهن، فون ڪريان؟“

”نه، اڄ رام آيو نه سيني دوستن جي ڪمي پوري ٿي وئي آهي.“ سورج جا لفظ توازن وڃائي رهيا هئا.... هو اٿي روزيءَ جي ڪرسيءَ پٺيان وڃي بيٺو ”روزي تون بلڪل نيڪ آهين نه؟“ روزي چيو، ”بيس باس.“

”ناهين ناهين ناهين، اپي باس ناهين.“ سورج هٿ سان ڪنهن تصور جي غبار کي هٽائڻ لڳو. مان اندر ۾ ششدر ر، سگريٽ جي پڇاڙي پير سان چٿي، وڃڻ لاءِ تيار ٿيس نه هال جي در وٽ ڪنهن جلوي جو احساس ٿيو. ڪنڌ مٿي کڻي ڇا ڏسان سنيتا! بلڪل ئي اپسرا جيان برجمان!!! سورج جي به نظر ان طرف وئي چيائين، ”هلو سنيتا! هلي اچ، هڪ پيگ بچيو آهي باقي...“

سنيتا اندر نه اچي ئي رهي هئي، پر ائين، جڻ هنن سيني چيزن، ويندي ماڻهن سان به هن جو ڪوئي لاڳاپو ڪين هو. مون کي نه ائين محسوس ٿيو جن ديو لوڪ کان اچي رهي آهي، پير پٽ تي ڪونه اٿس، جڻ هڪ اپسرا ترندي مون

تائين اچي پهتي هئي، آهستي چيائين، ”توهان جو فون آيو هو، توهان کي گهر ڪوٺيو اٿن.“

مون واڇ ڏٺي، ”اوهه هيڏو وقت گذري ويو.“ سورج جهومندي چيو، ”گذري نه، اڏامي ويو چئو دوست“ مون من ۾ ڏاڍي بي تڪي ڳالهه چئي: وقت نه سنيتا سان گڏ رهڻ مهل اڏامڻ ڪيي. روزيءَ سان گڏ رهندي نه وقت اڏامڻ جو سوال ئي نه ٿو اٿي، مون ڪجهه شڪجندي پنهنجي اچڻ جو مقصد ياد ڪندي سورج کي چيو، ”هاڻي تنهنجو منهنجي گهر اچڻ جو وارو آهي. پاپيءَ کي به وٺي اچ.“

سورج ڪوچ تي ويهي رهيو. ”ضرور ضرور“ چئي اٿڻ جي ڪيائين، پر اٿي نه سگهيو.

ڊرائيور کي پرين سان گڏ ويندو ڏٺو هو مون. آخر سنيتا ئي پنهنجي ڪار ڪڍي، مون کي ڇڏڻ هلي.

سنيتا ڪار هلائي رهي هئي، مان ان ۾ سوار هيس. هڪ ڪن لاءِ ائين پئي لڳو، ڳوٺ ۾ بئي جڻا گهوڙي تي چڙهي سرڪاري باغ ڏي سير لاءِ پيار وجون ۽ گهوڙي جي واڳ سنيتا جي هٿ ۾ آهي. مان فقط سندس پٺيان وٺو آهيان....

”واهه زمانا“ منهنجي وات مان نڪري ويو.

”توهان ڪجهه چيو؟“ سنيتا موٽر جي رفتار ڍري ڪئي.

”نه.... ڪا مطلب جي ڳالهه ڪانه هئي.“

سنيتا مرڪي هڪ نهار مون طرف اڇلائي ۽ وري اسٽيئرنگ ويل ۾ ڌيان لڳائي رفتار تيز ڪري ڇڏيائين. ناريءَ جي هيءَ نهار، شفقت سان پرپور، تڏهن دل چيو جيڪي سورج سان نه سلي سگهئين، سو اگر سنيتا کي ٻڌائي ڇڏين ته شايد تنهنجي اڃوڪي ڪاھ سڦلي ٿئي... من جهلي چيم، ”توهين مون کي گهر ڇڏڻ هلو، اها، چا.... منهنجي خوشقسمتي ناهي.“

هاڻي موٽر جي رفتار ٿمر ڍري ڪري ڇڏي سنيتا، ورِي ورِي مون طرف ڏسندي چيائين، ”پلا اوچتو ئي مان ’تون‘ مان ’توهين‘ ڪئين ٿڃي ويس؟... توهان جي قسمت سني آهي، ان ڳالھ سان ته مان سهمت آهيان.“

”مطلب؟“ مون تڪڙ ۾ پڇيو.

سنيتا کلڻ لڳي. ”مطلب ته ائين ٿا پڇو، ڄڻ مون توهان جي ڪا چوري پڪڙي ورتي آهي.“

”ته ڪو نه پڪڙي اٿيئي منهنجي چوري تڏهن؟“ مون پاڻ کي تناءَ کان آجو سمجهيو ۽ ڪار جي سيٽ تي ٽيڪ ڏئي ڇڏيم.

هاڻي سينتا ڪار رستي جي، هڪ اهڙي تڪر تي بيهاري ڇڏي، جتي هن جي ڪار، ٻين ڪارن جي رستي روڪ ڪانه ٿي ڪئي.

آهستي پڇيائين، ”توهين پڇندا، ڪار ڇو بيهاريئه؟“

”ها“.... مان مونجهاري ۾ ته هوس ئي، ”ته ٻڌاءِ!“

ڪجهه مون طرف ڏسندي، ڪجهه پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ رومال کي تهه ڪندي ۽ اڪيليندي، سينتا چيو، ”ڪلهه مون ۽ سورج وٽني هڪ ڳالهه تي بحث ڪيو.“

”ڪهڙي ڳالهه تي؟“ مون کان خبر ناهي ڇو ڇرڪ نڪري ويو.

”توهان نه ٻارن وانگر ٿا ڇرڪ پريو.“

مون پاڻ کي ضابطي ۾ آڻي کلي ڏنو.

”سورج ۽ مون سوچيو آهي ته انڌيريءَ ۾ جيڪا، اسين پنهنجي ڪنسرن سوريه ڏارا جي هڪ نئين آفيس کولي رهيا آهيون، ان ۾ توهان کي بدلي ڪري ڇڏيون..“

مان وائڙو ٿي نهارڻ لڳس. دل ۾ چيم

’ اهوئي ته توهان کان گهرڻ آيو هوس..‘

”ناليءِ ۾ ان برانچ جي هلائيندڙ مان رهنديس، پر ماڻهن مٿان نظرداري رکڻ، سڄو ڪم سنڀالڻ، توهان جي ذمي هوندو... دل ۾ ڪابه غلط فهمي اصل نه آڻجو، مان توهانجي پاس ڪانه هونديس، اهو منهنجو انجام آهي توهان سان، مان اهائي هونديس، توهان جي پاءُ کان وڌيڪ جگري دوست جي پتني سنيتا ۽ بس...“

جذبي وهيڙي منهنجي دل اڇلجي پئي. مون سندس ٻئي هٿ ڪٽي ڪري، پنهنجي اکين سان ڇهائي ورتا.

موٽر وري هلي رهي هئي. مان اکيون بند ڪري، پنهنجي هن اوچتي هٿ کي اکين سان ڇهائڻ واري واقعي تي سوچي رهيو هوس، ٿڌا نرم گلابي هٿ! من چيو، 'ان بولت ميري برٿا جاني، اَنند اَنند سکه پايو' (بنا ٻڌائي تو منهنجي حالت ڄاڻي ورتي، ڪيڏو سک مليو آهي مون کي!)

"هاڻي هتان شايد ڏائي پاسي هلڻو آهي نه."

"ها ها.." مون اکيون کولي ڏٺو. برابر ڏائي طرف ئي هلڻو هو، "بس هن روڊ تي پنجون نمبر بنگلو" ۽ ڪن مِ ڪار ماسيءَ جي بنگلي اندر پهچي وئي.

سنيتا کي مان گهر اندر وٺي ويس. هوءَ نلنيءَ سان هلڪو پاڪر پائي گڏي.

"سورج جي زال سنيتا"، مون نلنيءَ کي ۽ داديءَ کي سنيتا جي سڃاڻپ ڏني.

"توهان سمجهيو مان نه سڃاڻندي سانس؟ ائين ته ٻئي ڪنهن هنڌ ڏسانس ها ته شايد پڇانس ها، 'پلا تون سنيتا ۽ سورج پرڪاش جي ڏيءَ ته ناهين؟'"

ٽهڪ ڏئي سپ کلياسين.

نلنيءَ چيو، "سنپال ته مون به پنهنجي سرير جي گهڻ ڪانه ڪئي آهي، هيءُ پنهنجو شاعر مهاشيه، جو سونهن جو پوڄاري آهي... پر تون ته عمر کان ڏهه سال ننڍي پئي لڳين."

داديءَ چيو، ”چٽ پٽ چٽ، هن نلنيءَ کي تنهنجي شاديءَ تي مان ئي نه وٺي آئي هيس. تنهنجي سورج کو شاديءَ جو ڪارڊ ۾ هڪ لنبي چٺي ڪٽي هئن سکر ۾. وري نه سال گذري ويا آهن، اوچتو هاڻي اچي لٿا آهن بمبئيءَ ۾، چي: دادي اسين سورج سان گڏجڻ آيا آهيون. هيترن سالن کان پوءِ سورج ياد آيو اٿن.“

مون داديءَ جا ڪلها لوڏائي چيو، ”ايترن سالن ۾ سورج ڪيترو مٿي چڙهي ويو آهي، اها به ڪا خبر اٿيئي؟“

”پٽ! چنڊ وري ڪو هيٺ بيٺو آهي ڇا؟“

”شاعريءَ ۾ هنن به ڏاڍو نالو ڪيو آهي، هر ڪو سنڌي سندس گيتن ۽ ڪلامن مان واقف آهي. پر سڌامو نه سڌامو ئي آهي.“ نلنيءَ جو منهن ڦڪو ڦڪو ٿيندو ڏسي، مون يڪدم نلنيءَ جي وات تي ڪٽي هٿ رکيو.

رات جو جڏهن نلني منهنجي پر ۾ اچي سمهي، تڏهن پهريون سوال اهوئي ڪيائين، ”تو سڌامي واري ڳالهه تي منهنجو وات ڇو بند ڪيو؟“

مون کلي ڪٽي ڪيس ڇاتيءَ سان لڳايو، ”نلني! هن دوست نه ان بولت ميري بر ٿا جاني..“ سندس ڪن وٽ چيم. نلنيءَ تڏهن مون کي وڌيڪ قرب ڏئي چيو، ”ڪجهه پڳهار ڀڳهار جي ڳالهه نڪتي؟“

”سچي نئين آفيس جو مئنيجر ئي مون کي ٿا ڪن.“ سک جو ساهہ کنيو نلنيءَ، ”اوهہ بنا پئسي ڏاڍي پريشاني ٿي ٿئي. اڄ داديءَ بہ پڇيو تہ گھڻا ڏينهن بمبئيءَ ۾ رهڻ جو سوچي آيا آهيو، پار تہ اڪيلا ٿيندا هوندا جوڌپور ۾.“

نئينءَ آفيس جي مهورت وٽ، نلنيءَ هڪ شيشي جي ڪوٺي ڏسي چيو، توهين وهندا هن ڪوٺيءَ ۾.... سچي آفيس مٿان نظرداري ڪرڻ؟“

”نہ، اها ڪوٺي، سورج جي پوريءَ لاءِ آهي. سورج چوي ٿو سچو ڏينهن گھر ۾ ويهي، سنيتا بور ٿي ٿئي. پوءِ رات جو پئي مون سان جهامونيون پائي. ان کان هڪڙي برانچ سنڀالڻ جو بوجهہ سر تي هوندس تہ مون کي تہ نہ حيران ڪندي.“

”اڇا؟“

نانيءَ جي انهي ’اڇا‘ ۾ ڇا ڇا سمايل هو، سو منهنجي دل خوب ٿي ڄاتو. گھر موٽڻ تي نلني ماسيءَ کي چوڻ لڳي. ”ڏسو ٿا ڪودا پهاڙ نڪلا چوها.“

ماسيءَ تڪڙ ۾ پڇيو، ”چو نوڪري نہ ملي ڇا سڌامي کي، ڪرشن وٽان؟“

کلندي چيم، ”اها ڳالهہ ناهي ماسي! نوڪري تہ ملي، پر مئنيجري ڪرڻي پوندي، سا بہ، سورج ڪمار جي جوءِ جي نالي ۾..“

ماسي ڦٽ ڪري ڪوچ تي ويهي رهي، ڪجهہ سوچي چيائين، ”نوڪري وچي ڪاري ڪتي جي نالي ۾ هجي، تنهنجو ڇا؟ توکي پگھار سا ڪم، اهو تہ ملنديءِ نہ؟“

”پيو بہ ڪجهہ ملندس ماسي“، ڪلندي نلنيءَ چيو، ”هڪ پوري هوندي شيشي جي پيجري ۾ سندس سامهون ويٺل ء هي ويچارو شاعري ڪندو، ڪين مئنيجري؟ مينهن ۾ آفيس ٿي ويندي بند.“ نلنيءَ وڏو ٽهڪ ڏنو.

ڪيڏو شڪي آهي هيءُ ناريءَ جو من...

ڪيڏي رات گذري بہ، ننڊ نہ هئي منهنجي نيڻن ۾، هڪ عجيب ماٺ لڳي وئي هئي مون کي.

نلنيءَ رڌڻي جو ڪم ڪار سميٽي، جڏهن مون کي جاڳيل اچي ڏٺو تڏهن منهنجي شعرن لکڻ جي ڊائري کڻي اچي هٿ ۾ ڏنائين.

”اڙي هيءَ ڇو؟“

”توهين شعر لکڻ جي موڊ ۾ جو آهيو.“

شعر لکڻ جي موڊ ۾ هوس يا نہ، اها ٻي ڳالهہ هئي. باقي منهنجو اچانڪ ئي سنيتا جي ٿڌن گلابي هٿن کي کڻي اکين تي رکڻ وارو واقعو اڃا بہ مون کي عجب کان آزاد نہ ڪري سگهيو هو.

پنهنجو وهاڻو ڪلهي تي رکي نلني منهنجي پلنگ وٽ ٻيءَ جو ٻٽڻ ٿي دٻايو تہ ڪيس ٻانهن کان ڇڪي چيم، ”ڪيڏانهن ٿي وڃين؟“

”اڙي بابا! ماسيءَ جو گهر هيڏو وڏو آهي، ڪنهن نہ ڪنهن روم ۾ وڃي سمهي پونديس. ٻيءَ ۾ پلا ننڊ ڪٿي ايندي آهي مون کي؟“

نلنيءَ جو هٿ چمي سندس ساري وجود تي نظر ورائي ڪيس وچڻ ڏنم.

جوڌپور جي ننڍڙي گهر ۾ جڏهن رات رات جو مون ڪي شعر لکڻ جو موڊ هوندو هو، تڏهن نلني اڪيون پوري جاڳندي رهندي هئي. سندس هن نشڪام قربانيءَ اڳيان من جهڪي پيو. ان مهل جيڪو شعر منهنجي هٿ سان لکجي ويو، ان ۾ نلني ۽ سنيتا عجيب نموني نئون نالو 'ڪموندني' پائي اٿي ڪڙيون ٿيون.

سوريه ڏارا انٽرنيشنل جو ڪم سچو مون کي ئي سنڀالڻو هو، پر پهرين مين برانچ ۾ مهينو کن ڪم سکڻ تي لڳي ويو. آفيس کان موٽندي سورج هاڻ روزيءَ ۽ مون کي ساڻ ڪري، ڪڏهن پڪچر هائوس، ڪڏهن ڪنهن ڪلب وغيره ۾ هليو هلندو هو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ مان سمجهي ويس ته سورج فقط سنيتا کي پاڻ کان پري رکڻ ۽ روزيءَ جي ڪمپنيءَ ۾ وڌيڪ رهڻ لاءِ هيءَ سوريه انٽرنيشنل ڪولڻ جو تڪسات ڪيو آهي. پر دوستيءَ جي وچ ۾ جا ناٽي جي ديوار ڪڙي هئي ته دوست کي ڏگ ڪيئن ڏيکارجي. روزي ته بس ناٽي جي لالچ سبب ئي سورج جو ساٿ ڏنو. هاڻ مون کي سنيتا لاءِ تمام گهڻو احساس ٿيڻ لڳو. پر سورج ئي ته منهنجو دوست هو. من ئي من ۾ ڪيس ڏوراپا ڏيندو هوس ته 'يار! سچ چڏي وچي ڪوڙ تي پيو آهين.'

هڪ ڏينهن ته پڙ پڌرا ٿي پيا. سورج کي روزيءَ صاف چئي ڏنو ته تون منهنجو قدر نه ڪيو آهي. مان ولائت ۾ نوڪريءَ لاءِ ٿي وڃان.

سورج اچي مون سان ڳالهه ڪئي، چئي، "ڏس پنهنجي حق ۾ ڏي زال کان وڌيڪ گهمايانس ڦيرايانس پوءِ به...."

مون کي وجهه ملي ويو سنيتا جو پاسو کڻڻ جو. مون چيو، ”اهوئي ته هنن خريد ڪيل ٻانهين جو نخرو آهي. هنن جو پيٽ پرجڻ جو ئي ناهي.“

سورج چيو، ”پر بيوقوف چوي ٿي منهنجي ماءُ کي جاءِ ونئي ڏي. پڇينس تنهنجي ماءُ منهنجي ڪير لڳي؟“

مون چيو، ”دوست اهو ٻه ڏارو اچلي ڏس.“ منهنجي من کي پڪ هئي ته هيءَ عورت جاءِ ملڻ کان پوءِ سورج کي ڇڏي ويندي.

سورج روزيءَ کي جاءِ ونئي ڏني يا نه، ان کان اڳ ئي مون کي سوريه ڏارا انٽرنيشنل جي سنيتا واري برانچ ۾ وچڻو پيو.

سنيتا چيو، ”مان ته هتي بور ٿي پئي آهيان.“ مون چيو، ”هتي ته ڪم ايڏو هوندو، جو بور ٿيڻ جي فرصت ئي ڪين هوندي توهان کي.“

”نڪي نئين مئنيجر مون کي ڪم سيکاريو، نڪي منهنجو ئي من ٿو لڳي ڪم ۾. بس صحيون ڪندي آهيان، سي به بنا ڪجهه سمجهڻ جي... خير هاڻ ته توهان جي ڪمپني ملندي.“

چا لئه ڪوئي ڪنهن جي ڪمپنيءَ لاءِ پريشان ٿو ٿئي، چا لئه اها پريشاني، پريشان ڪندڙ ڏر جا سپ پور ڪولي سڳند ڦهلايو ڇڏي....

ڳالهه مٽائڻ لاءِ ڪلي چيم، ”توهان کي ماليهءَ ڪهڙي ٻاغ مان هي گل آڻي ڏنا آهن؟ توهان جي گلدستي مان ڪيتري سني خوشبوءِ ٿي اچي، نه ته بمبئيءَ ۾ گلاب جا گل حيدرآباد جي گلن جهڙا سڳنڌ وارا ته ڪين هوندا آهن...“

سنيتا هلڪو مرڪيو. گلدستي کي ڏسندي چيائين. ”هي ته آهن ايور ريڊي روزز. ولائت وارو هڪ دوست ڏئي ويو آهي.“

مون چتائي چتائي ڏٺو بلڪل ئي سچا نظر ايندڙ، نرم پنکڙين وارا گلاب هئا! تڏهن هن شيشي جي ڪئبن اندر گلاب جل جي سڳنڌ جو مرڪز پيو ئي ڪو هو. پر ڪل جهڙي ڳالهه هئي. هتي به ڪوڙا گلاب رکيل هئا ۽ سورج وٽ به روزي هئي.

سنيتا هڪ فائيل کولي، ڪڍي منهنجي اڳيان رکيو. مان سندس ۽ سورج جي باري ۾ سوچيندو ڪيس ئي ڏسي رهيو هوس.

سنيتا اکين جي اشاري سان فائيل ۾ نهارڻ لاءِ چيو.

مار هتي ته فائيل ۾ مٿان ئي مٿان منهنجو تازو لکيل شعر هو ”ڪمود! تنهنجا ٽڏا ۽ گلابي هٿ..“ هڪ ڊبل مرڪ، ٿهڪ ٻڌڻ لاءِ مک ۾ آتي هئي. مگر سامهون واري ڌر ٿهڪ ۾ شامل ٿيڻ واري آهي يا نه. ان خيال سان سنيتا ڏي ڏٺم... هوءَ بلڪل گنڀير ۽ شانت هئي. منهنجي ڪل ته اڏامي وئي. ان جي جاءِ تي هڪ قسم جو ڊپ مون کي ويڙهي ويو.

سنيتا چيو، ”تڏهن هن عمر ۾ توهين ڪنهن ڪمودنيءَ کي چاهڻ لڳا آهيو؟ توهان جي نلني ويچاري ته اهڙا شعر ڏسي دکي ٿيندي هوندي.“

مون نڙي صاف ڪري چيو، ”نلنيءَ ته شادي کان اڳ ئي، منهنجي هن قسم جي شاعريءَ کي ڏسڻ شروع ڪيو هو. چوندي آهي: ’پڳوان هڪڙي قسم

جي مٿي ڳوهي زال ذات کي ٿاهيو. ٻيءَ مٽيءَ مان پرشن کي ٿاهيائين. سو مان آهيان زناني مٽيءَ مان ٺهيل، ان جو هڪ حصو...“

ٻئي هٿ هڪ ٻئي ۾ اٽڪائي، ڪاڏي هينئان رکي، ٻڌي رهي هئي سنيتا هي سڀ.

مون ماٺ ڪٽي ڪئي.. ڪن رکي چيم، ”ڪجهه تون به ڳالهاءِ.“

ٻئي هٿ هيٺ رکي ڏکو ساهه کڻي سنيتا چيو، ”توهان جي نلنيءَ جو اهو ويچار بلڪل ٺي سنو آهي. ها ساري استري جاتيءَ لاءِ سنو آهي... ليڪن حالتون هر استريءَ لاءِ نياريون آهن. ڪن لاءِ اُهو وقت اچي ٿو، جڏهن پتي پتني هڪ ٻئي کان ڌار رهڻ لڳن ٿا. ساڳيءَ ڇت هيٺان رهندي به، هڪ ٻئي جي دک سک کي سمجهڻ لاءِ تيار ناهن. اهڙي وقت عورت جي من ۾ اداسي ڇانئجيو وڃي. سڀ سنساري خوشيون ڪيس رڄ جي درياهه جيان لڳن ٿيون... اهڙي وقت شايد ڪم ئي سندس سهارو آهي.“

مان سنيتا جي برف جهڙي شفاف وجود طرف ڏسندو رهيس... اڇانڪ ئي هن مورتيءَ جي مٿان وري وئي منهنجي نلنيءَ جي صورت. نلنيءَ کي گهر جي ديک ڀال ۾ رڌڻي جي ڪم ڪار، سندس وجود تي ڪارائڻ جو هلڪو تهه چاڙهي ڇڏيو آهي. پر اندر ۾ وهندڙ رڄ جي درياهه جي ڳالهه هن ڪڏهن ڪين ڇئي آهي!

ڪلي چيو سنيتا، ”پنهنجي نئين ڳولي لڌل ناري ڪمود تي ڪٿا ناهڻ ۾ لڳي ويا ڇا...؟“

مون جواب ڪين ڏنو. بس ان آڪار ڏي ئي ڏسندو رهيس جنهن جي هر انگ مان چلڪاٽ پئي نڪتو. جڻ پاڻيءَ مٿان سورج پئي چمڪيو... پر اندر وهيو پئي رڃ جو درياهہ!...

ڪيتري دير سنيتا چپ ويٺي رهي. آخر جڻ ڪنهن غبار کي هٿ سان هٽائيندي چيائين، ”سامهون ڏسو، توهانجي ميز وٽ، ڪيڏا ماڻهو ڪنا ٿي ويا آهن.“

مون شيشي جي ڪئبن مان، ٿورو پرتي رکيل پنهنجي ڪم ڪرڻ واريءَ ميز ڏي نهاريو، برابر پيڙ ڪني ٿي وئي هئي.

سنيتا سڌو منهنجين اکين ۾ ڏسندي چيو، ”توهين سانتا ڪروز برانچ مان هن آفيس جو ڪم سکي آيا. هاڻي مون کي سيکاريو تہ هيءَ پيڙ روز منهنجي ٽيبل وٽ اچي... مان ڪم ۾ رڌل رهڻ ٿي چاهيان.“

مان سندس اکڙين جي ماڻڪين اَندران انهيءَ رڃ جي درياهہ جو نظارو ڏسي رهيو هوس.

هڪ ڪوتا جو سرو من ۾ لهرائڻ لڳو.

’ڪمود، تون آهين جل جو پرم.‘

# مُرڪ تي منع

لنبي عرصي کان پوءِ ٿي هئي پڪنڪ، چترپج ڪيترو وقت بيڙيءَ کان پرتي ويندڙ پاڻيءَ کي تڪي رهيو هو. اوچتو راڻيءَ طرف منهن ڪري چيائين، ”مون کي لڳي ٿو، توکي منهنجي باري ۾ ڪائي غلط فهمي ٿي آهي...“

راڻيءَ جي پلڪن جا سورج مکي اڌ گول ڪجهه دير چترپج کي تڪيندا رهيا. پڇيائين، ”چو ٿو لڳي توکي ائين؟“

”ائين ئي.... لڳندو آهي تون مون کي Avoid (نظرانداز) ڪرڻ ٿي چاهين.“

”نه نه..“ فلڪ سان ڪنڌ ڌوڏيو راڻيءَ ۽ سندس پيشانيءَ تان گهنج غائب هو.

بيڙي ممبرا جي ڪاريءَ ۾ هلندي رهي. دوست ۽ سکيون سڀ هڪ ٻئي کان حال احوال وٺن ۾ مشغول ٿي ويا. ڪنهن وقت ڪنهن اٿي جي گولي پاڻيءَ ۾ ٿي اڇلي ته ٽپ جي آواز تي مڇيءَ اچي جهٽي ٿي ورتي. راڻيءَ جي من جي سطح تي وري اهو سوال لکجي ٿي ويو: ”لڳندو آهي، تون مون کي نظر انداز ڪرڻ ٿي چاهين.“

اچانڪ راڻي کي ائين لڳو ڪوئي يادن جو ديوتا ڪيس وارن کان چڪي، هيٺ پاڻيءَ ۾، گهڻو هيٺ پاتال لوڪ ۾ وٺي ويو آهي، پاتال لوڪ جا پُرش ۽ استريون، فقط جل جي لهرن ۾ وڪوڙيل آهن ۽ سونهري پهاڙيءَ تي ويٺا هڪ

ٻئي سان مرڪي رهيا آهن. راڻيءَ ڏي به هڪ قرب پري مرڪ اڇليائون، پر سندن مرڪ راڻيءَ جي دل ۾ گهاءُ ڪري وڌو.

راڻيءَ سندن مرڪ ڪين ورائي ته جل پراڻي جنهن ڪيس هن پاتال لوڪ ۾ آندو هو، تنهن چيو، ”تون هتان هيءَ مرڪ ڪٽي وڃ..“ راڻيءَ تڙڦي چيو، ”ماڻهو مون کي غلط سمجهڻ لڳن ته...“ ”بزدل...“

راڻيءَ محسوس ڪيو هو وري ٻيڙيءَ ۾ ئي ويٺي آهي. جل پراڻيءَ سندس وار ڇڏي ڏنا آهن ۽ هڪ ئي تل سان هوءَ ٻيڙيءَ ۾ پهچي وئي آهي... سپنو هو يا ساپيا... ڪپڙا پنل ڪينهن، مگر اها مرڪ هڪ وسريل درد بڻجي تن کي تڪي رهي هئي. هن سهميل نگاهه سان چترنج طرف ڏنو. هاڻي هو هڪ گيت ڳائڻ ۾ مشغول هو.

متر آواز جي گهرائي ۾ ٻڏل...

سڪين جون نظرون پاڻيءَ جي لهرن تي...

ملاح اپو بيٺو لهندڙ سورج کي پاڻيءَ ۾ ڇٽپٽائيندو ڏسي رهيو هو.

”جي نه ڪلن اکيون ڪڌهن، ته مک تي گيت ڪيئن لهن؟ ٻڌائي ڪو ته مرڪ بن به گيت ڪيئن نهي سگهن؟“

راڻيءَ کي لڳو هيءُ گيت چترنج سندس لاءِ ئي ڳائي رهيو هو ۽ سندس سارو وجود پاڻيءَ تي بيٺل، واريءَ جي گهر جيان ڳهرڪڻ لڳو... لهر لهر سان ڍهندو پئي ويو. واري ڪناري جي واريءَ سان ملي وئي ۽ لهرون ڪيس نه ڊاهي

سگھڻ جي ارمان ڪي گود ۾ ڪٽي لڏنديون هلنديون پئي ويون. سج جي نما شام وارن هلڪن ڪرڻن ۾ واريءَ جو وجود ٿي جرڪيو...

گيٽ پورو ٿيڻ ڪانپوءِ به بيڙيءَ ۾ ڪجھ وقت شانتي هئي.

آڪاس جي سطح تي ڏيري ڏيري نڪرجندڙ ستارن جيان، مترن ۽ سکين جي وچ ۾ پڻ پڻ وڌڻ لڳي. راڻي پنهنجي وجود ۾ موٽي آئي.

راڌا وڃھ پرسان ٿورو جھُڪي، هيئنان پاڻيءَ مان ٻڪ پري، راڻيءَ طرف چنڊا اڇليا ۽ شرارت مان ٻئي طرف ڏسڻ لڳي. راڻيءَ اکين سان ئي چور پڪڙي ورتو.

ونود راڻيءَ جي پيرن وٽ ئي ويٺل هو. يڪ ٽڪ راڌا طرف ڏسندي ذرا راڻيءَ طرف جھڪي چيائين، ”استري پرش کان وڌيڪ چنچل آهي...“

راڻيءَ ساڳيائي سورج مکي اڏل گول مٿي کنيا. ونود ڏنو سندس من جي اندر اکرن جو ماندڻ لھي پيو. جنھن ۾ چيل هو... ”استريءَ جو بدن چنچل آهي، پرش جو من...“

”ائين ناهي“ ونود ڪڙو ٿي وينو. سگريٽ جي ٻچيل پچڙيءَ کي بيڙيءَ جي ڪاٺ تي وسائي پاڻيءَ ۾ اڇلي چيائين، ”نہ ائين ناهي. راڻي! من استريءَ جو بہ چنچل آهي.“

”ءِ پرش جو بہ؟ رائيٽ؟ آڻ مجي، جهڳڙا ٿوٿا.“ ونود هٿ سان چڻ ڪنهن غبار کي هٽائيندي چيو، ”راڻي! تو مان ايتري هلڪڙائيءَ جي اميد نٿي ڪري سگهجي.“

”ءِ ماحول مان؟“

”ان ڪان بہ گهٽ.“

”گنڀيرتا سان چوڻ چاهين ٿو تہ مان ٻڌڻ لاءِ تيار آهيان.“

”راڻي نيڪ ٿي چوي. استريءَ جو من ايڪاگر آهي.“ چوڻ چٽريچ شروع ڪيو، ”شايد استري هڪ وقت هڪ ئي پرش کي پيار ڪري سگهي ٿي. ليڪن پرش ساڳي وقت گهڻين ئي استرين کي چاهي سگهي ٿو.“

”ثبوت“ راڻيءَ پڇيو.

”تو ڏٺو هوندو، شاديءَ کانپوءِ هر استريءَ جي مرڪ ۾ اڪثر فرق اچي ويندو آهي. جيڪا مڪت سورج جي ڪرڻن جهڙي تازگي پريند ڙ مرڪ پهرين هن وٽ رهندي آهي، اها پوءِ هوءَ شايد پتيءَ لاءِ ئي محفوظ رکندي آهي.“

”معاف ڪجو راڻي! وچ ۾ ٿو ڳالهايان.. استريءَ جي مرڪ سرڪ جون ڳالهيون توهين سوچيو، مون کي تہ ولائت ۾ رهندي اهو آزمودو ٿيو آهي تہ پرش هڪ وقت هڪ استري ماڻي سگهي ٿو، پر استري لاحول ولا...“

چترپج رام جي وات تي هٿ رکي چڏيو. ”ڏس رام! تون آهين ڦڪڙ، پر هن ماحول کي اپوتر نہ ڪر. ڀلي ٻاهران چڪر هڻي آيو آهين، پر مان دعوا سان ٿو چوان ههڙو پائيپيءَ ۾ محبت سان پريل گروپ توکي ڪٿي نہ مليو هوندو.“

رام ڪن پڪڙي پترپج اڳيان جهڪي چيو، ”گرو! تو ڪٿيو... پائي اسان لاءِ تہ هر ڪا استري راڻي...“

راڻيءَ ترڇي نگاهہ سان ونود طرف ڏٺو. جڻ ڏوراپو ڏئي رهي هئي، ڏس هيءُ آهي نہ ماحول، ڪنهن گنڀير بحث جو؟... ونود رام کي ڪنڌ کان پڪڙي چيو، ”جهڪ هنن چرڻن منجهہ، ڪن پڪڙي چئو: ڪا ڪا استري راڻي آهي.“

”معافي“ رام چيو، ”بس راڻي ئي راڻي ٿيندي آهي.“ سندس چوڻ جو انداز ڪجهہ اهڙو هو جو سڀ کلڻ لڳا.

راڻي تہ کلندي کلندي ڳاڙهي ٿي وئي. ونود مگن نگاهہ سان سندس طرف ڏسي رهيو هو، سندس نظر ان لفظ سان راڻيءَ جي اندر ۾ پڙاڏو ڪيو. ”ڪا ڪا استري راڻي آهي.“

راڻيءَ ڪجهہ پاونا وس ٿي. ڪجهہ پتي ورت ڌرم جي پالنا ڪندي چيو، ”مان بابا راڻي ٻاڻي ڪانہ آهيان، منهنجو تہ فقط نالو راڻي آهي...“

ليڪن ائين چوندي راڻيءَ محسوس ڪيو ته سندس مک تي هڪ مڪت ۽ ڪنواري مرڪ پکڙلي هئي، جا چترپچ طرف نهاريندي سندس چپن تان اڏامي وئي.

راڻيءَ ان جي ڪارڊ کي من ۾ پڙهڻ شروع ڪيو. پڪنڪ. گڏجاڻي. گروپ جي ۽ چترپچ ۽ راڻيءَ جي گهڻي عرصي کان پوءِ ٿي هئي. ليڪن وچ ۾ ڪي ڪي ملاقاتن جا واقعا هئا، جي شايد منزل جا ڏاڪا به بڻجي سگهن... سوچيندي راڻي چپ چاپ پاڻيءَ جي سطح طرف ڏسڻ لڳي.

ڪاليج جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ هڪ ڪويءَ مرڪ تي شعر چيو هو، جنهن جو مطلب هو:

”دک سان پڏل مرڪ همدردي جاڳائي ٿي.

”سنيهه سان پڏل مرڪ پريم جاڳئي ٿي.

”چاهه سان پريل مرڪ جسم کي جاڳائي ٿي.

”سونهن ۾ پڏل مرڪ من جي پکيئڙي کي آڪاس ڏي اڏائي ٿي.“

گڏجاڻي پوري ٿيڻ وقت ان ڪويءَ راڻيءَ کي مرڪندو ڏسي چيو هو ”۽ توهان جي مرڪ سپني جذبن جو ميلاپ هجڻ سبب پرش ۾ راجا هجڻ جو ڀاو جاڳائي ٿي.“

راڻي هڪ ڀيري اها ڳالهه پنهنجي پيءُ سان به ڪئي هئي. هن چيو هو. ”۽ اها مرڪ تون جڏهن مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي پرش طرف اڇليندي آهين تنهن

وقت هڪ درد پري اڪيلائي ۾ غصي جي پاونا جاڳائي ڇڏيندي آهين منهنجي من ۾...“

”تہ مان اها سوغات ورهائيندي نہ ڦرنديس.“ راڻيءَ انجام تہ ڪيو هو، مگر انجام پاڙڻ مهل ڪيس ڪافي گهٽ محسوس ٿي.

وڏي شاهي گهر ۾ بيمار سس جي ليٽڻ رهڻ سبب مائي، ڌوبياڻي، ڪير واري، ڪچرو کڻڻ واري، سڀني سان ڪيس ئي ڳالهائڻو پوندو هو. پتيءَ جا دوست، مٿ مائٽ، پرش، استريون، سڀ انهيءَ مرڪ جي ئي تہ ڏاڳي ۾ ٻڌل هئا. راڻيءَ ڏنو هو اهو انجام پاڙڻ لاءِ ڪيس بنا سڳنڌ گلاب ٻڌجڻو پوندو.

سياري جي هڪ سخت ٿڌي رات جو، راڻيءَ جو جسم پتيءَ جي ٻانهن ۾ هو. ڪنگهہ جو دورو بند ئي نہ پئي ٿيو.

هڪ ايڪس ري فوٽو ڪڍايو ويو. بلڪل هلڪو داغ هو ڦڦڙن ۾. مگر پتيءَ جي چنتا ايتري وڏي وئي جو راڻيءَ کي ڪلائڻ ۾ خوش رکڻ لاءِ شريمان چرچن جي ڪتابن جا ڍير وٺي آيو.

ان بيماريءَ وقت چترپج زال کي وٺي، هڪ پيري راڻيءَ جي نگاهہ ڪرڻ آيو هو. وڃڻ وقت چيو هئائين ”راڻي ڪويءَ جو رمارڪ ياد اٿئي نہ ؟“

راڻيءَ پوءِ بہ ڪين مرڪيو هو. چترپج ڏوراپي پري نهار سان ڏسي هليو ويو هو. ان ڏوراپي ۾ راڻيءَ ڏٺو... هو پڇي رهيو هو، ”چو ٻين کي راجا محسوس ڪرائڻ ۾ تنهنجو ڪوئي نقصان ٿو ٿئي ؟“

نقصان ڪهڙو ٿو ٿئي، ڪنهن جو ٿو ٿئي، اهو سڀ ٻڌائڻ لاءِ مريادا جو النگهن ڪرڻو پوي ها، جنهن لاءِ راڻي تيار ڪين هئي.

ٻن ڏينهن کان پوءِ راڌا اچي چيو، ”راڻي تون پاڻ کي مرڻ هارڪي ٿي سمجهين ڇا؟“

”نه ته!“

”پوءِ ايڏي نبلتا ڏيکارڻ جو مطلب؟“

”نبلتا نه ڪانه پئي ڏيکاريان.“

”۽ هوءَ مسز چٽرجي ڇا ڇا پئي چوندي وتي ماڻهن کي؟“

”ڇا ٿي چوي؟“

”چوي ٿي، راڻي بيمار نه لڳي ئي ڪين ٿي؟ پاڻ اڳي کان به جوان پئي لڳي، سندس ڇاتيءَ تي ڪپڙا نيڪ پيل آهن يا گهٽ وڌ، اهو نه مترن سان گڏ نگاهه ڪرڻ لاءِ آيل سندن استريون ئي ڏسي سگهنديون آهن.“ راڻيءَ چيو، ”پاڻ لاءِ اهڙي واهيات ڳالهه چوندڙ کي، مان زهري مک چوڻ کان رهي نه ٿي سگهان. مون کي نه بس ايترو ئي معلوم آهي نه پنهنجي پتيءَ ۽ گهر کان جدا نٿي ٿيڻ چاهيان. موت کي موٽائڻ جي جدوجهد ۾ مون کي بدن، ڪپڙن وغيره جي ڪائي ڄاڻ ڪانه رهي آهي...“

اوچتو پير ۾ چهنڊڙي محسوس ڪري رانيءَ چرڪ پريو. ”پاڻيءَ تان نظر ڦيري، راڌا جي ترڇي نظر ۽ ٻرُ رکڻ مان حرڪت ڪندڙ ڪي تاڻي، راڻيءَ ڇپيءَ مان ٿورا پکڙا ڪڍي مٿس اڇلائي ڇڏيا.

ليڪن... ليڪن ڇتريچ پاسي ۾ ويٺو هو، اجابہ سندس سوال راڻيءَ جي ڪنن ۾ گونججي رهيو هو، لڳندو آهي تون مون کي نظر انداز ڪرڻ ٿي چاهين.“ ”ڪنهن کي ڪنهن کي نہ نظر انداز ڪرڻ سکي هئس منهنجا مترا!“، راڻيءَ دل ۾ چيو ۽ ڏکو ساهہ کڻي اٿي بيٺي. پيڙهي ڪناري لڳي چڪي هئي. سڀئي اٿي بيٺا ۽ لهڻ لڳا.

پيڙهيءَ تان ڪناري تي ٽپو ڏيندي، راڻي اڇي سڌير ۽ شانتيءَ جي پر ۾ پهتي. سندس گفتگوءَ جي هڪ سٽ ٻڌي راڻيءَ چيو، ”ڪير سڀني هيروز کي پهنجو پريتم سمجهندي هئي؟“

”مينا ڪماريءَ لاءِ ٿو چوي.“ جواب شانتيءَ ڏنو.

”شايد ائين بہ هجي، جو هرڪو هيرو ڪيس پريتما جي نظر سان ئي ڏسندو هجي.“ راڻيءَ سڌير طرف ڏسندي شرارت سان چيو.

”سچ ٻڌايان.“ سڌير گوشائتو ٿي، ويجهو اچي چيو، ”خود مان پنهنجي اڌيڙ عمر ۾ رات رات جو سندس فوٽي کي چمندو هوس..“ شانتي ۽ راڻي خوب کلنديون اڳتي هلڻ لڳيون.

جهنگلي پيچري تان هلندي، شانتي ۽ سڌير اڳتي هليا ويا.

راڻي اڪيلي هلي رهي هئي. سروپ سندس پر ۾ اچي چيو، ”مان توهان سان گڏ هلان ته توهان اڪيلا نه ٿيندا.“

”مان؟... اڪيلي“ راڻيءَ ڪليو، ”منهنجي خوابي دنيا ڪڏهن مون کي اڪيلو ڇڏيو ئي ڪونهي.“

”ته نه هلان؟“ سروپ بيهي ويو.

”اڙي اڙي! توکي گڏ هلڻ کان ڪنهن منع ڪئي؟“ راڻيءَ سندس ٻانهن پڪڙي ورتي.

سروپ گڏ هلندي چيو، ”توهان کي خبر ناهي ڪيئن لڳي، مگر مان سچ ٿو چوان ته هن گروپ ۾ اچڻ سان ئي، مون توهان کي الائي ڇا ڇا سمجهيو آهي.“

”اڇا“ راڻي کلڻ لڳي.

”منهنجي رچيل هڪ ڪوتا ٻڌندا!“

”اڙي! تون ڪيڏي مهل ڪوي ٿيڻ جي ڦندي ۾ ڦاٿين؟“

”بس ڦاسجي ويس..“ هڪ ڏينهن مون کي اچ لڳي هئي. ڏڌهن ٻه اسين هڪ پڪنڪ لاءِ نڪتا هئاسين. مون چيو هو اچ ته ڪيڏي لڳي آهي. ليڪن منهنجو آواز فقط توهانجي ڪنن ٻڌو. توهان پنهنجي پٺيءَ کي چيو، ”سروپ کي اچ لڳي آهي.“

”پاڻي ته هتي ملڻ مشڪل آهي.“

”تہ ڪوڪوڪولا ئي وني پياريوس“ ۽ ان رات گهر وڃي مون توهان لاءِ خبر ناهي ڪيتري رات تائين پئي سوچيو.“

”اڇا!!“

”توهان جو ائين ’اڇا‘ چوڻ مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. لڳندو آهي ڪنهن سناٽي واري مندر ۾ گهنڊ پئي وڄيو“

”ڪنجهون تہ نہ؟“ راڻيءَ جي مک مان هڪڙو مڪمل جو دائرو ڦهلجي ويو.

”ڏسو! توهين ائين نہ ڪلو. مون کي لڳي ٿو توهين منهنجو مذاق ٿا اڏايو.“

”نہ ڙي، مون کي تہ پنهنجي ساراهہ ٻڌي، سا بہ تو ٻال گوپال وٽان، ڏاڍي خوشي پئي ٿي.“

”توهان لاءِ سڀ دوست چوندا آهن..“

”ڇا چوندا آهن؟ ڇپ چو ٿي وئين؟“

”چوندا آهن توهين ڪِن تمام گهڻو پيار ٿا ڪريو. ۽ اهو شايد زندگيءَ ۾ ڪنهن ڪشٽ سهڻ جو نتيجو آهي..“

”پاڳل..“

”ڪير؟“

”سڀيئي ائين سمجهڻ وارا.“

”ها مان ته ائين ئي ٿو سمجهان. سچ ته اهو آهي ته هر ڪو توهان کي پيار ٿو ڪري.“

”نه سچ اهو آهي ته پيار پر سپر آهي. مگر اهو منهنجن ڪشش جو نتيجو ناهي. اهو منهنجي نندي هوندي جي ڏرمي وايومنڊل ۾ پالنا جو نتيجو آهي.“

”ها....هاءِ اهوئي سچ آهي... توهان جي منهن جو تيج نه ته ايڏو پربل نه هجي ها... اف ڪيڏي غلطفهمي آهي ماڻهن وٽ توهان لاءِ...“

راڻي چپ چاپ هلندي رهي. سندس من ۾ وري وري پڙاڏو ٿي رهيو هو. ”اف ڪيڏي غلط فهمي آهي ماڻهن وٽ...!“

آڪاس جي اٿاهينءَ ۾ پکي پرانهون وڃي رهيا هئا. راڻيءَ کي لڳو سندس من جو پکي هتي هن ماحول ۾ اڪيلو ٿي ويو آهي. شريمان، ڊاڪٽر جي اوچتو سڏايل ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ مسوريءَ ويل هو. راڻيءَ کي سندس غير حاضري هن گهڙي خاص ککي رهي هئي.

”توهين کلو چو نه ٿا؟...“ سروپ اوچتو پيهجي چيو.

”بنان چابيءَ جي؟“

”چابي ته رانديڪي جي ٿيندي آهي. مگر توهين... توهين ته...“

سروپ جي پاونا ۾ اهڙي ته ڏوڙيءَ جي ڦوڪار هئي جو راڻيءَ کان سچ پچ کل جي ڦهار ڇٽڪي پئي.

”بس توهين ان طرح ڪلندا رهو...“

”پهرين ٻڌاءِ توکي ان مان ڇا ٿو ملي..“

”ملي ٿو ڪجهه.“

”مان به نه ٻڌان..“

”ٻڌندا..“ ذرا جهجهڪ سان، سروپ هڪ مرداني نهار راڻيءَ تي وڌي ۽ پلڪون جهڪائي چيو، ”توهين ڪلو ٿا ته مون کي لڳي ٿو، هن ممبرا جي سڄيءَ جهنگلي گهاٽيءَ ۾ اڇن گلن جا انبار ڪڙڻي پيا آهن...“

”ڪيڏن مهينن کان پوءِ ايتري سٺي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ ملي آهي..“ چوندي راڻيءَ جو من پکي پري ڪٿي سوچ جي گهاٽيءَ ۾ گهوماٽيون کائڻ لڳو...شرمان، راڻيءَ کي انجام کان مڪت پلي ئي ڪيو هو، مگر چندڪي ائين محسوس پئي ٿيو ته چاندني بلڪل ڦڪي ٿي وئي آهي... جيئن ڪو ٻوٽو اس ۽ هوا کان پرتي رکجڻ سبب، ڪومائجي پيلو ٿي ويو هجي، تيئن ٿي لڳو، راڻيءَ کي پنهنجو من... مگر هي ٻال گوپال! ”توهين ڪلو ٿا ته مون کي لڳي ٿو ته هن ممبرا جي سڄيءَ گهاٽيءَ ۾ اڇن گلن جا انبار ڪڙڻي پيا آهن...“

راڻي ۽ سروپ چپ چاپ اڳتي وڌي رهيا هئا. اوچتو ٻنهي پاسي ٻن ماڻهن کي بينل ڏسي رڪجي ويا...

”ڇو ڇا ٿيو؟“ راڻيءَ جي اکين ۾ سوال هو. سڌير ۽ شانتيءَ ٻنهي گڏجي ڳالهايو. پر ٻن طرفن کان آواز اچڻ سبب ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو. سندن چوڻ

جو مطلب اهو هو ته هنن راڻيءَ کي اڪيلو ڇڏي، شريمان وٽان ڏوراپو ٻڌڻ نه ٿي چاهيو...

”پر مان اڪيلي ڪٿي آهيان، سروپ جو ساڻ آهي“ راڌا، چتريج ۽ ونود جيڪي پٺيان پئي آيا، سي به سپ راڻيءَ وٽ بيهي رهيا... چپچپات لڳي وئي.

ونود پڇيو، ”مان پڇي سگهان ٿو ته اها هالٽنگ اسٽيشن ڪهڙي آهي؟..“

”ڪنهن گاڏيءَ جي شنٽنگ ٿيٽي هوندي.“ رام چيو.

”ولائت مان چڱو سڌ ري آيو آهين“ چتريج ٽوڪ هنئين ۽ سپ کلڻ لڳا.

اوچتو چتريج ۽ راڻيءَ جون نگاهون مليون ۽ راڻي مرڪي پئي. سگريٽ کي پري اڇلي، چتريج چيو، ”دئٽ از اٽ (That is it) .“

ونود پڇيو ”مطلب؟“

”راڻي سمجهيو.“ چتريج جي نگاهه راڻيءَ جي چهري تي، ۽ خيال پري ڪٿي هو.

راڻيءَ کي لڳو هوءَ گهٽي وقت جي بيماري ڪاٽي، سنان ڪري، اساڪڙي ۾ اچي بيٺي آهي.